More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



# شاعريءَ جو سجدو

## فطرت، حسن ۽ زندگيءَ جي نفاستن بابت روح کي تراوت بخشيندڙ تصوير ڪشيون

# شيخ اياز

سهڙيندڙ

نور احمد ميمڻ

ڪمپوزنگ

مير آفتاب احمد ٽالپر

پروف ريڊنگ:

شاهنواز سومرو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



اي خدا!
تون مون کي ايتري مهلت ڏيندين
تہ منهنجي شاعري توکي
هڪ سجدو ڪري وَٺي.
”اياز“

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



# علم ۽ دانائي

آفاقي انساني ورثو آهي. اهو دنيا جي سڀني
ماڻهن تائين پهچڻ گهرجي ۽ خاص ڪري
پنهنجي عزيزن، دوستن ۽ واقفڪارن کي ان ورثي
کان آگاهه نه ڪرڻ قومي ۽ اخلاقي جرم آهي.
انساني ڀلائيءَ جو پيغام ٻين تائين نه رسائڻ خدا
جي نافرماني به آهي.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يا رب!
تنهنجو نانءُ
جئن کو ٿڌو ٿانءُ جو پيتي پياس ڀڄهي وڃي!
تنهنجو نانءُ
جئن کو هير جو جهوٽو لڳي ته اکيون ننڊاکڙيون ٿي وڃن!

❋❋❋

يا رب!
منهنجي هر پيار ۾ پنهنجي شفقت کي شريڪ ڪر،
جيئن مان انسان کي تنهنجو پرتوو سمجهي هن جو قدر ڪيان هن جو ناجائز فائدو نه وٺان!

❋❋❋

يا رب!
منهنجي دشمن تي به رحم ڪر! هُن کي به ڪنهن عذاب ۾ ڪنهن آزمائش ۾ نه وجهه! تون ته رحيم آهين، مان ڪير جو تنهنجي فطرت ۾ گهارا وجهان؟ مان ڪير جو چوان ته تون ڪنهن لاءِ قهر جو سيلاب ٿيءُ.
يا رب!
مون کي پنهنجي اخلاق جي خيرات ڏي! مون مان سڀ مدايون نهوڙي ڇڏ ۽ مون ۾ هر ڪنهن لاءِ خير جي خواهش پيدا ڪر! تون هر ڪنهن تي پنهنجيءَ مهر ۽ مَيا جي برسات ٿيءُ! نه فقط مون تي ٻاجهه ڪر، منهنجي بدخواهه تي به ٻاجهه ڪر ۽ هن ۾ نيڪ نيتون ائين اپار، جيئن ٿوهر ۾ ڳاڙها گل ڦٽي پوندا آهن ۽ وارياسو لهلهائيندو آهي!

❋❋❋

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يارب!
مون کي سگهه ڏي ته باقي عمر تنهنجا گيت ڳايان، عارضي ۽ فاني دنياڪي پنهنجي ڏيان تان هٽايان ۽ پنهنجي روح جي موسيقيءَ کي تو ۾ ائين سمايان جيئن ندي پاڻ کي سمنڊ ۾ سمائيندي آهي. اها منهنجي آخري دعا آهي، اها دعا قبول فرماءِ.

❊❊❊

يا رب!
منهنجي ذات ڏينيوءَ وانگر نه بڻاءِ! ان کي پوپٽ جا پر ڏي ۽ رنگ ۽ خوشبو جو شيدائي ڪر!

يا رب!
مون کي دارا ۽ سڪندر جو قد و قامت نه گهرجي! مون کي حافظ جو ترنم ۽ خيام جي سرمستي عطا ڪر! مون کي شمس تبريز ۽ روميءَ واري حيرت ڏي ۽ ان ۾ قلندري شان پيدا ڪر! مان پاڻ سان حقارت به نه ڪيان ۽ پاڻ کي حقير به نه سمجهان!

يا رب !
هر ڪنهن کي عزت به تون تو ڏئين ۽ ذلت به تون تو ڏئين! مون ۾ اها صلاحيت پيدا ڪر ته عزت ڏسي نه اُيامان ۽ ذلت ڏسي دل شڪستو نه ٿيان.

يا رب !
تنهنجي ساٿ کان سواءِ دنيا جو هر ساٿ عارضي آهي. مون کي ايتري سگهه ڏي ته جڏهن مان تنهنجي پٺيان اچان ته منهنجا پير نه ٿڪجن !

يا رب!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



منهنجي تقدير تنهنجي غيب جو حصو آهي. مان ڪير جو ان جي قبل از وقت پيش گوئي ڪري سگهان ! منهنجي واڳ تنهنجي وس آهي. مان ڪير جو پاڻ وهيڻو ٿيان !

يا رب !

منهنجي زندگي ۽ موت بہ تون آهين، حال ۽ مستقبل بہ تون آهين، مون تان پنهنجو هٿ نہ هٽاءِ ! اهو پوئين گهڙي تائين وڻ تي سانوڻ جي ڪڪر وانگر رهي ۽ ان جي رم جهم ۾ رتيءَ پر ڪمي نہ اچي !

❊ ❊ ❊

يا رب!

منهنجيءَ شاعري ڪي پيريءَ جي لهس نہ اچي. اها سداگلاب وانگر شگفتہ رهي ۽ جڏهن تون ان ڪي پَٽين تڏهن منهنجيءَ ذات ۾ تنهنجي ذات جي خوشبو ملي.

يا رب!

منهنجي ساري ديس ڪي ساڃاهہ ڏي تہ تنهنجي واڪاڻ تي ڇاڪاڻ جهڙو سوال نہ پڇن.

هن ديس جو ڪوئي اوهي پيهي نہ آهي، ڪوئي ڏٽي سائين نہ آهي، تون ئي ان جو واهرو ٿي ان ڪي واٽ سُجهاءِ ۽ ان جي راهہ مان سڀ روڙا هٽائي ڇڏ!

تنهنجي راهہ ۾ اڳها بہ سگها آهن، جڏا بہ جاڪوڙي آهن، انهن ڪي زندگي جي پلصراط تان ڇيڇ ڪان وٺي پار پهچاءِ!

تون ئي اپائڻهار آهين، تون ئي پالڻهار آهين، تون ئي وِلهہ ۾ اهو الاؤ آهين، جنهن تي هٿ پير سيڪي، واٺهڙو وڏن ٿا.

اسان ڪي اسان جي واٽ سُجهاءِ، اسان لاءِ ايتريون مشعلون ٿيءُ جو تارن ڀريو آڪاس ڏرتيءَ سان ريس ڪري.

❊ ❊ ❊

يا رب!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



مون کي وڻ وڻ جي پن پن چيو ته تون ئي آهين ۽ هنن تو سان ڳالهايو آهي پر مون هنن کي نه ٻڌو.

يا رب!
هو آسمان، جو ڪنهن گهاٽي وڻ وانگر آهي، جنهن ۾ ستارا پاڻ ائين ڦڙڦڙائي رهيا آهن، جيئن تيز هوا ۾ پن ڦڙڪندا آهن، تنهن مونکي چيو ته تون نه رڳو مٿي پر هيٺ ڌرتيءَ تي به آهين، پر مون هن کي لنوائي ڇڏيو.

يا رب!
تون جو سڀ جو رازق آهين، مون تو کي هد هد ۽ ڪاٺ ڪٽي جي چهنب ۾ ڏٺو.
مون نه رڳو توکي ڪويل جي ڪوڪ ۾ ٻُڌو پر هر پکيءَ جي چَهه چَهه ۾ تون مون کي سڏي رهيو هئين! پر مون ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيون. تو ئي ته مون کي چيو ته مان ئي هن جو واحد تماشائي آهيان، آءُ هن مَور سان هم رقص ٿيءُ! پر منهنجا پير اڳتي نه وڌيا.
۽ جڏهن بادل اوڙڪون ڪري وسيا، تڏهن به مون نه ڄاتو ته اها تنهنجي رحم جي بارش آهي ۽ هوا ۾ ٻوٽا نمي تو کي سجدو ڪري رهيا آهن.
يا رب!
مون کي پنهنجيءَ ناداني جو اعتراف آهي ۽ ان تي ندامت به آهي.
مون کي معافي ڏي!

❊ ❊ ❊

يا رب العالمين!
هر انسان تنهنجو پاڇو آهي،
مان ڪير جو هن جي گناهه ۽ ثواب تي پڪڙ پڇاڙ ڪيان! تون ئي ازلي محتسب آهين ۽ تنهنجي احتساب کان ڪير آجو آهي؟ تون اهو ڪئين ٿو ڪرين،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪنهن وقت ٿو ڪرين، ڪنهن جي بدران ڪنهن سان ٿو ڪرين، ان جو علم تو کي ئي آهي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
مون کي اها ڏاهپ ڏي تہ مان تنهنجي اٿاهہ پٽي ۾ ائين ملي وڃان جو منهنجي پنهنجي وهڪري جو وجود نہ رهي.
ڀلي ڪوئي منهنجي واٽ ڇاڻي يا نہ ڇاڻي، منهنجو پنڌ ڏسي نہ ڏسي ۽ منهنجي ٿڪ کي سمجهي يا نہ سمجهي!
مون کي پنهنجي بيڪران وسعت ۾ سماءِ، جيئن لهرون منهنجن پيرن کي زور ڏين تہ مون کي تو ۾ مٽي ننڍ اچي وڃي!

❊ ❊ ❊

يا رب!
مان ٻولي تي ڪيڏي بہ مهارت حاصل ڪيان، ڪيڏا بہ ان جا ڇار اُٿان، تنهنجو تصور انهن ۾ ڦاسي نہ ٿو سگهي ۽ انهن مان پاٽي وانگر ترڪي ٿو وڃي!

❊ ❊ ❊

يا رب!
جتي غور ۽ فڪر جي رسائي نہ آهي
جتي رازي ۽ ابن رُشد پهچي نہ ٿو سگهي،
جتي جبريل جا پر جلي وڃن ٿا،
۽ رومي ۽ اقبال سر بسجود آهن،
۽ شاعري عاجزيءَ کان وڌيڪ نہ آهي،
اتي تنهنجو آستان آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❋ ❋ ❋

يا رب!
تو تہ چيو آهي تہ مان توکي شهہ رڳ کان وڌيڪ قريب آهيان،
ڪٿي تون مون ۾ تہ نہ آهين!
مان پاڻ کي ساري ڪائنات کان گهٽ سونجهيو آهي،
نہ وري انتي ڪنهن تسلي بخش تحقيق ڪئي آهي،
۽ نہ مون پٽائي وانگر
پاڻ ۾ پيهي ڏٺو آهي.

❋ ❋ ❋

يا رب!
مون کي توفيق عطا ڪر،
تہ دل جي ڪعبي تان غلاف لاهي،
توکي ڏسان،
هر گل بخمل ۾ توکي ڇهي سگهان،
۽ هر ستاري ۾ توکي اکيون ڇنيپي ڏسي سگهان!

❋ ❋ ❋

يا رب!
مونکي اهو شعور بخش تہ خود شناسي خدا شناسيءَ جو ٻيو نانءُ آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❋ ❋ ❋

يا رب!
تنهنجي حد جي حد ۽ حساب جو حساب نہ آهي.
مان ڪير جو تنهنجي زمان ومڪان کي سمجهي سگهان؟
ها، تون منهنجي دل ۾ مقيد آهين، مان تنهنجو اهو پرندو آهيان جنهن جا پر ڪائناتون پنتي ڇڏي وڃن ٿا،
منهنجي دل ۾ ڪيئن آئين ۽ ان مان ٻولڙيون ڇو ٿو ٻولين، اهو منهنجي سمجهہ کان بعيد آهي.

❋ ❋ ❋

يا رب!
اها انجيل جي چوٽي تہ علم جو وڻ ۽ زندگي جو وڻ هڪ ٻئي جي پر سان نہ ايرندا آهن، ڪيتري نہ صحيح آهي.
پلي تہ فلسفو منهنجي يقين کي سمجهي نہ سگهي، مون لاءِ تو ۾ اعتبار لاءِ درياهہ جو پاڇو ڪافي آهي.
بسنت جي هوا ۾ ٿاريءَ تي رابيل جو گل ڪافي آهي ۽ ڪافي آهي اها خوشبوءَ جنهن ڦهلجي ساري ڦلواڙيءَ کي واسي ڇڏيو آهي.

❋ ❋ ❋

يا رب!
تنهنجي تشريح ۽ توضيع اتي ڪٿي وڃي ٿي جتي ٻوليءَ جا لفظ ڪٿي وڃن ٿا، توکي تہ انسان پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي محسوس ڪري سگهي ٿو، تون ٻوليءَ کان بعيد آهين، عقل کان بعيد آهين، منطق ۽ فلسفي کان بعيد آهين.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❁ ❁ ❁

يا رب!
مون کي انهيءَ عام آدمي جو سرسبز سينو عطا ڪر، جو دليل بازي کان دور آهي، جو تنهنجي هٿ کي پيءُ جي ٻاجهاري هٿ وانگر سمجهي ٿو، پاڻ کي تنهنجيءَ پناهه ۾ ڏئي، پاڻ کي هر آفت کان محفوظ ڀانئي ٿو.

❁ ❁ ❁

يا رب!
مونکي اهڙو يقين ڪامل ڏي، جو ڪنهن چو ۽ ڪنهن چاڪاڻ کان سواءِ تو اڳيان سر بسجود ٿئي.

❁ ❁ ❁

يا رب!
جي تون نه آهين ته هن زندگي کي ڪهڙي معنىٰ آهي؟
ڇا هيءَ زندگي فقط خورد و نوش آهي؟ فقط لباس آهي. جو زيب تن آهي؟ فقط ستر اسي سال جي حياتي آهي جا خواب وانگر گذري وڃي ٿي ۽ پوءِ خاڪ ڏانهن موٽي ٿي ۽ ٻيو ڪجهه به نه ٿو رهي؟

❁ ❁ ❁

يا رب!
ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟
جي اها ڳالهه صحيح آهي ته خودڪشي لاءِ جواز ڪيئن نه آهي؟
جي اڳيان يا پوءِ خاڪ خاڪ سان ملڻي آهي. ته اينگهه ڇا لاءِ؟

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

يا رب!
تون، ڪيئن آهين، ڪٿي آهين، ڪهڙيءَ ريت حاصل ٿي سگهين ٿو، اهو منهنجي سمجهه کان بعيد آهي، مان وَل هجان ها يا وڻ هجان ها، يا پرندو هجان ها ته توسان منهنجي گفتگو ٿي سگهي ها، مان ته انسان آهيان ۽ منهنجي زبان اڻيان حد فاصل آهي. اها توسان هم ڪلام ٿي نه ٿي سگهي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
منهنجي زبان ته عاجز آهي، منهنجي دل کي پاڻ تائين رسائي ڏي!

❊ ❊ ❊

يا رب !
هر انسان ۾ پوري انسان ذات آهي، جڏهن به هن کان گناهه سرزد ٿئي ٿو تڏهن اهو پوريءَ انسان ذات کي متاثر ڪري ٿو، پر ڇا تو اها ڄاڻ ڪنهن کي ڏني آهي؟

❊ ❊ ❊

يا رب!
تون ڪنهن به انسان کي منهنجي ڪري سزا نه ڏي!
مونکي اها قوت عطا ڪر ته مان پنهنجي همسائي سان پاڻ وانگر پيار ڪيان!

❊ ❊ ❊

يا رب!
منهنجي پيار کي آفاقي بناءِ!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



جيئن مان هر انسان کي پنهنجو ياءُ سمجهان!
منهنجي خون ۾ قابيل جي عنصر کي ختم ڪر!
مون کي پنهنجو رحم وديعت ڪر!
پنهنجي اخلاق جي بيک ڏي!

❋ ❋ ❋

يا رب!
تون حد ۽ حساب کان سواءِ پيار آهين ۽ اها ڏاهپ آهين جنهن جو ڪاٿو ڪونهي، مون ساري زندگي تولاءِ اڄ سانديي ۽ عمر مونکي ڪنهن هرڻ وانگر رڃ ۾ رلايو.
اڄ مان تنهنجي ڪناري تي پهتو آهيان. تون جو رحمت جي درياءَ وانگر چوليون هٽي رهيو آهين، مون تو مان چُڪي چکي آهي ته منهنجي ساري عمر جي اڄ لهي وئي آهي.

❋ ❋ ❋

يا رب!
مونکي معافي ڏي!
مون ڪيتري عمر ضايع ڪئي آهي!
مان حُسن فانيءَ جو تمنائي رهيو آهيان.
۽ تماشائي بہ رهيو آهيان،
توڙي مون شفق ۾ پرندا ڏٺا آهن جي توڏانهن دور دور اڏامن ٿا!
مون عارضي حقيقت کي حق سمجهيو آهي ۽ ان لاءِ پٽ کوهه ڪئي آهي ۽ اهو نہ ڄاتو آهي تہ هي عمر گذارڻ سراسر سراب آهي.
۽ ان ۾ اطمينان جي تلاش عبث آهي، ان جو انت پيري آهي، بيماري آهي، موت آهي، يا جڏهن سڀ بلائون ڪٽي وڃن ٿيون تڏهن غالب وارو مرگ ناگهاني آهي.

❋ ❋ ❋

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يا رب!
هي پوپٽ جو گل، گل تي ويهي رمندو ٿو رهي،
فقط واس جو شيدائي ته آهي!
خوشبو سڀ ڪجهه آهي، گلاب جون پتيون ته ٽڙي پکڙي وڃن ٿيون!

❊ ❊ ❊

يا رب!
منهنجي عشق کي سدا گلاب وانگر بناءِ!
انسان سان عارضي محبت تي پنهنجي ابدي محبت جو پر توو وجهه!
۽ پاڻي ۾ چنڊ کي چئو ته ڪنهن به چولي سان گهڻو پيار نه ڪري چو ته چوليون ته وينديون رهنديون آهن ۽ ڪنهن لاءِ ترسنديون نه آهن.

❊ ❊ ❊

يا رب!
مون کي انسان جو عشق ڏين ته به ائين ڏي جئين هن ۾ توکي ڏسان!

❊ ❊ ❊

يا رب!
تون پيار جو آبشار آهين، تو وٽان ڪوبه اڃايو ۽ اداس نه موٽيو آهي.
تون اهو ئي ته آهين جو منهنجي خون ۾ پيار تي ڊوڙي رهيو آهي. منهنجي رڳ رڳ تنهنجي ساک ڏئي رهي آهي.

❊ ❊ ❊

يا رب!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



تون پيار کان سواءِ ڪجهه ٻي نہ ٿو سگهين!
فطرت جو سارو قهر ۽ آفتون نظر جو فريب آهن. تنهنجي مصلحت تائين رسائي ناممڪن آهي ۽ ظاهري برائيءَ ۾ چڱائي جو احساس بہ ڪيترو نہ مشڪل آهي!

❊ ❊ ❊

يا رب!
تنهنجي تاجي پيٽي ۾ هر تند ڪٽي ۽ ڪنهن جاءِ تي آهي، اهو ڪير ٿو سمجهي سگهي!
يا رب!
هي فطرت، جا سراپا تنهنجو مظهر آهي، ڪڏهن رندا ڇو ٿي روڙي، اهو مان ڪيئن چوان.

❊ ❊ ❊

يا رب!
مونکي تنهنجي وجود ۾ اعتبار ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن ثابتي جي ضرورت نہ آهي، جئين ماڪيءَ جي مک کي اها ثابتي نہ گهرجي تہ ماکي مٺي آهي يا جيئن اهو ثابت ڪرڻ اجايو آهي تہ پاڻيءَ ۾ آلاڻ آهي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
مون کي پنهنجي آغوش ۾ رک!
مون تان دست شفقت نہ هٽاءِ
۽ پنهنجي موجودگيءَ جي احساس کان سوا
ٻيا احساس منهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏي!

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يا رب!
تون گناهہ خلقي مون کي آزمائش ۾ وجهين ٿو ۽ پاڻ ئي ان آزمائش مان هٿ ڏئي ڪڍين ٿو.

❊ ❊ ❊

يا رب!
هيءَ دنيا اونهيءَ کڏ وانگر آهي.
۽ مان ساري زندگي اڪيون ٻوٽي گهميو آهيان ۽ ان ۾ ڪريو آهيان. تو بار بار مون کي کڏ جي تري مان ڇڪي ڪڍيو آهي ۽ منهنجي مٿي تي پنهنجو ٻاجهارو هٿ رکيو آهي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
مونکي اها ساچاهہ ڏي تہ منهنجي پيڙا اجائي نہ ويئي آهي ۽ ان ساري سونهن ۾ سمائجي وئي آهي، جا تون آهين.

❊ ❊ ❊

يا رب!
اجا اسر وير پکي اُٿن مس ٿا
۽ پنهنجن آکيرن مان کنب کڻن ٿا،
تہ تون انهن کي رزق رسائين ٿو
تو ماکيءَ جي مک لاءِ ڪيڏا نہ وڻ ٻوٽا بنايا آهن
۽ توکي هر ڪئليءَ، هر نندي کان نندي جيت لاءِ اون آهي
۽ ٻرن ۾ اڳي ئي تو انهن جي بک لاءِ بندوبست ڪيو آهي
يا رب!
تون انسان مان حرص و هوس مٽاءِ!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



هن کي هدايت ڪر ته هو جيڪي پنهنجي لاءِ چاهي ٿو، اهو ٻئي جي لاءِ به چاهي!

❊ ❊ ❊

يا رب!
تون رزاق آهين ۽ تو هر ڪنهن جي رزق جو ذمو کنيو آهي، پنهنجو اخلاق انسان کي وديعت ڪر ته جئين هو رزق حلال کائي ۽ ان کي پنهنجي همسائي سان ورهائي!

❊ ❊ ❊

يا رب!
جي هر انسان پنهنجي همسائي جو خيال رکي ۽ همسايو پنهنجي همسائي جو خيال رکي ۽ ائين انتها ڌرتيءَ جي آخري انسان تي ٿئي ته هي ڌرتي اهو بهشت ٿي پوي جنهن جو تقويٰ جي عيوض تو وعدو ڪيو آهي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
ائين چوآهي ته منهنجو نفس اماره مون کي ڀٽڪائيندو رهيو آهي پر پوءِ به مان توکان غافل نه رهيو آهيان!
مون جڏهن به چنڊ کي درياهه ۾ جهلڪندي ڏٺو آهي ته هن روان دوان ڪائنات ۾ مونکي تنهنجي ياد آئي آهي!

❊ ❊ ❊

يا رب!
تنهنجي اٿاهه ساگر مان آءٌ هڪ چولي ئي آهيان.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



منهنجو وجود بہ قائم رک ۽ مون کي اها ساڃاهہ بہ ڏي تہ مان تو کان ڌار نہ آهيان .

❋ ❋ ❋

يا رب!

مونکي عقل جي تضاد کان ڇڏاءِ ۽ وجدان جي وحدت سان همڪنار ڪري، بي ڪنار بنائي ڇڏ! مان فقط هڪ موج آهيان، جا سمندر کي سجدا ڪندي ساحل تي ايندي آهي ۽ سمندر کان مختلف بہ نہ هوندي آهي. مونکي پنهنجي ذات جو شعور ڏي.

❋ ❋ ❋

يا رب!

تنهنجا اسرار اٿاهہ آهن. آسمان انهن کي شفق جي پڇري ۾ نہ ڍڪائي سگهيو آهي ۽ ڌرتي انهن کي خوشبو جي چادر ۾ نہ ڍڪي سگهي آهي.

❋ ❋ ❋

يا رب!

مون کي انسان سان ايتري محبت ۽ هن تي ايترو رحم ڏي، جو هن جي هر علالت ۽ هن جي هر شفاعت ۾ پنهنجي شفاعت ڏسان.

❋ ❋ ❋

يا رب!

تون مقدر کي چؤ تہ نقارا وڄائيندو اچي، ۽ منهنجي ان فرض ۾ رخنو نہ وجهي جو مان پاڻ ڏانهن، خلق ڏانهن، ديس ڏانهن پورو ڪري رهيو آهيان.
منهنجون دعائون بہ ان آواز ۾ ديڄجي وڃن، جو ازلي آهي، ابدي آهي، جو تنهنجو آواز آهي ۽ جنهن تي سارا ستارا رقص درويشان وانگر محو گردش آهن. منهنجو تو ڏانهن جو فرض آهي اهو پورو ڪرڻ جي مهلت ڏي ۽ تنهنجو مون ڏانهن جو قرض آهي اهو لاهڻ جي توفيق عطا ڪر!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

يا رب!
تون مونکي اهو پيغام ڏي جو منهنجا سارا وهم ۽ وسوسا مٽائي ڇڏي،
۽ اهي سارا فلسفہ دنگ رهجي وڃن جي دنيا ڪتابن ۾ سانيي رکيا آهن،

❊ ❊ ❊

يا رب!
جرمن فلسفي، نٽشي، جنهن تنهنجي وجود جو انڪار ڪيو ۽ گليءَ گليءَ ۾ اهڙو ڍنڍورو ڏنو تہ تون مري چڪو آهين.
اهو چريو ٿي پيو ۽ پنهنجي انت تائين چريو رهيو.

❊ ❊ ❊

يا رب!
نٽشي اهو سمجهي نہ سگهيو تہ انسان پنهنجي اذيت فقط ڪوشش سان مِٽائي نہ ٿو سگهي جيستائين ان ڪوشش ۾ تنهنجي رضا شامل نہ آهي.
نٽشي اهو سمجهي نہ سگهيو تہ انسان جي پوري زندگي تنهنجي سهاري لاءِ پڪار آهي
هو تنهنجي واهر جي لاءِ واجهائي رهيو آهي،
هن کي اهو احساس ڪائي رهيو آهي تہ زندگي مختصر آهي،
ان جي خوشي عارضي آهي
۽ فقط تون ئي ازلي ۽ ابدي آهين،
۽ تون ئي مسرت جو اهو سرچشمو آهين جو کٽي نہ ٿو کٽي.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يا رب!
مان توکان الڳ ڇا آهيان؟
تون ابدي آهين، تون ئي هر ڪمال جو مظهر آهين، تون ئي هر گهڙيءَ
ڳالهه ڪان وڌيڪ گهرو آهين ۽ تو جهڙو دوست ڪوئي نہ آهي.

❋ ❋ ❋

يا رب!
تنهنجي نُور جو ظهور فلسفي جي هر پيچيدگيءَ جو حل آهي.
منهنجي روح کي هر پيچيدگيءَ مان ٻاهر آڻ ۽ پاڻ ۾ سادو يقين عطا ڪر!

❋ ❋ ❋

يا رب!
مان هر دهرئي کي چوان ٿو تہ ”گهٻراءِ نہ! توبہ جو دروازو هر وقت کليل آهي ۽ تنهنجي پوئين پساهہ تائين توتي نہ ٻوٽبو. آءُ انهيءَ مان ڪنڌ جهڪائي اندر آءُ ۽ اها شمع ڏس جا تو ۾ ٻري رهي آهي. آءُ! موت جي منهن ۾ دليريءَ جو اظهار بہ ايترو ئي بي معنيٰ آهي، جيترو مايوسي جو.“

❋ ❋ ❋

يارب!
تنهنجي موجودگيءَ جو احساس ئي ڪوهيڙو هٽائي ٿو ۽ جڏهن تون انساني روح ۾ چنڊ وانگر نڪرين ٿو تہ اوندهہ انڌوڪار باقي نہ ٿو رهي.

❋ ❋ ❋

يا رب!
مونکي پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏي،
روشنيءَ جو احساس ڏي،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



۽ انهيءَ خاموشيءَ جو احساس ڏئي جنهن ۾ تنهنجا گيت پرندا آهن.

❊ ❊ ❊

يا رب!
مونکي ٻيائي کان پاسي رک!
ٻيائي جهڙي ٻي برائي ڪانه آهي
ٻيائي تيرڳي آهي
جا هر شمع کي، هر مشعل کي اُجهائي ڇڏيندي آهي
مون کي ٻيائي کان پاسي رک!

❊ ❊ ❊

يا رب!
تون نه فقط تن جو طبيب آهين، پر من جو طبيب به آهين، جيسين مون نه چيو ته طبيب منهنجو خدا آهي، تيسين مون لاءِ شفا لاحاصل هئي.
پر جڏهن مون چيو ته خدا منهنجو طبيب آهي تڏهن شفا منهنجو مقدر ٿي وئي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
تو منهنجي ماضي جي لاءِ معافي ڏني آهي ۽ منهنجي ڪسي پڪيءَ تي ڍڪ رکيو آهي، تون ئي ماڻهوءَ جو ڍڪڻهار آهين جنهن جا عيب اپارآهن.

❊ ❊ ❊

يا رب!
توئي مون کي راهه ڏيکاري، مون ۾ امن ۽ انسان دوستيءَ جي خواهش پيدا ڪئي ۽ سمجهايو ته هر ماڻهو تنهنجو پرتوو آهي ۽ ان ڪري مقدس آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

يا رب!
تون اها ساچاهہ ساريءَ انسان ذات کي ڏي تہ نہ رڳو تنهنجي پيار پرهڪ ٻئي جي پيار ۾ انسان ذات جي نجات آهي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
اهي ساروٽيون ڇا آهن؟
ڪنهن وقت مون جنهن کي شدت سان چاهيو هو
ان جي فقط سار وڃي رهي آهي جيئن ڪانڊيرن تي
چانڊوڪي پوندي آهي.
۽ جي هن لاءِ دل ۾ اڃا ڪجهہ پيار آهي
تہ هوءَ مرجهايل گلابن تي ماڪ ڦڙن وانگر ٽي لڳي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
هاڻي تہ تنهنجي سار تي وير وانگر وري وئي آهي
انساني رشتا ناتا سڀ ٻڏي چڪا آهن
۽ وري انهن لاءِ آلڙ نہ ٽيندي!

❊ ❊ ❊

يا رب!
تون اهو حقيقت جو درياهہ آهين
جنهن تي مجاز جي ڪائي پل ٻڌي سگهبي نہ آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

يا رب!
اها مجاز جي پل هميشہ لاءِ ڊاهي ڇڏ، جا مون بار بار ٻڌي آهي!
مون کي انهيءَ درياهہ ۾ سمائي ڇڏ، جنهن جو ڪوئي ڪپر نہ آهي.
منهنجي جيئري ئي سمائي ڇڏ!
مان جو لهر آهيان ۽ ساري عمر تنهنجي تلاش ۾ رهيو آهيان،

❊ ❊ ❊

يا رب!
آءُ تنهنجي آغوش جو منتظر آهيان
پنهنجي جيئري ئي ابدي آغوش جو منتظر آهيان.

❊ ❊ ❊

يا رب!
منهنجي دل ۾ پيتائي واري ڪيفيت پيدا ڪر تہ
ڪاڏي ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽائو،
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي پيو ناهہ ڪي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
تنهنجي وجود ۾ يقين لاءِ دليل جي ڪهڙي ضرورت آهي؟
ڇا ڪنول تي پرواز ڪرڻ لاءِ ڀؤنر کي دليل گهرجن؟
ماکيءَ جي مک کي رس گلاب جي گل تي ڇڪي ٿي اچي،
ڇا ان لاءِ بہ ڪنهن دليل جي ضرورت آهي؟

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يا رب!
پرهه جو آسمان ۾ ابابيل چو ٽا اڏامن،
ڇا ڪوئي سمجهائي ٿو سگهي؟
شفق جو رنگ جڏهن هد هد تي پوي ٿو، تڏهن تنهنجي حسن کان
انڪار ڪير ٿو ڪري سگهي؟
تون ئي هر آکيري جي ننڊ ۾ آهين،
۽ اسر وير جڏهن پکي جاڳن ٿا تڏهن تون ئي ته انهن جي اکين ۾ ايرين ٿو.

❊ ❊ ❊

يا رب!
هي ساري ڪائنات تنهنجو دليل آهي،
تون ئي ته محبوبائن جا رخسار بارش سان ڌوئين ٿو،
۽ عاشقن جي اکين کي بادل جون عادتون سيکارين ٿو.
تون ئي اها ڪشش آهين جا حسن کي عشق ڏانهن ڇڪي ٿي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
تون ئي ته ماڻهوءَ جي دل ۾ زلزلو آڻين ٿو ۽ عشق جا ولولا پيدا ڪرين ٿو،
جي عقل جي ساري مانداڻ کي ڊانوان ڊول ڪن ٿا ۽ هن جي هستيءَ تي
ائين ڇانئجي وڃن ٿا جيئن جوالا مکي ۽ مان دونهين جا ڪڪر ايري آڪاش
تي ڇانئجي ويندا آهن.

❊ ❊ ❊

يا رب!
تون طبيعات ۽ مابعد الطبيعات، ٻنهي کان بعيد آهين.
مون لاءِ تو ۾ اعتبار لاءِ ارسطوءَ جي مطالعي جي ضرورت نه آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



هن ڪئليءَ کي اڳواٽ ڄاڻ آهي ته برسات اچي رهي آهي، ۽ ان ڪري پر ڏانهن موٽي رهي آهي، ۽ وسندي مينهن ۾ ان ڪڏهن به خوراڪ جي ڪمي محسوس نه ڪئي آهي. ڇا مون لاءِ اها ڄاڻ ڪافي نه آهي؟

❊ ❊ ❊

يا رب!

تون ڪنوڻ وانگر ڪنوين ٿو ۽ وڄ وانگر ٽڙڪاٽ ڪرين ٿو ۽ انسان کان سواءِ ٻي ڪنهن ساهواري تنهنجي وجود لاءِ دليل جي ضرورت محسوس نه ڪئي آهي.

❊ ❊ ❊

يا رب!

مون کي پنهنجو يقين واپس ڏي،

جڏهن تون اکئين ٿو پسجين

ته تولاءِ دليل جي ڪهڙي ضرورت آهي!

تون هر دليل کان مٿي آهين،

۽ اکين کي نور کان ويجهو آهين

۽ چپن تي آواز کان اڳ موجود آهين.

مون کي اهو يقين ڏي!

❊ ❊ ❊

يا رب!

آءُ منهنجي آغوش ۾ آءُ منهنجون ٻانهون تولاءِ آتيون آهن!

منهنجا چپ توسان گفتگوءَ لاءِ تڙپي رهيا آهن،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



مون سارا دروازا تنهنجي آمد لاءِ کولي ڇڏيا آهن،
آءُ مان تنهنجي ملاقات جو منتظر آهيان.

❊ ❊ ❊

يا رب!
مون لاءِ فيصلا به تون ڪر ۽ مون کي سنئين دڳ به تون لاءِ مون هر غلاميءَ
کان نفرت ڪئي آهي سوا تنهنجي غلاميءَ جي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
مون پنهنجي واڳ تنهنجي وس ۾ ڏني آهي
مان پاڻ وهيڻو ٿيڻ نه ٿو چاهيان
پاڻ وهيڻو ٿي نتشي کي ديوانگي ئي ته ملي!
مان تنهنجيءَ مشيت اڳيان سر جهڪايان ٿو.

❊ ❊ ❊

يا رب!
تنهنجو نالو اها روهه آهي،
جنهن جي اڳيان هر چنگيز ۽ هلاڪوءَ جي اُلر عاجز آهي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
مون کي پنهنجي پناهه ۾ رک!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

يا رب!
مون لاءِ تنھنجو مقدس نانءُ ڪافي آھي
جڏھن ٻه منھنجي تو سان وابستگي نه رھي آھي،
منھنجي محنت اجائي ويئي آھي،
اڄ مان پنھنجي ساري شاعري تنھنجي پيٽ رکان ٿو،
مان ڄاڻان ٿو ته اھا تو اڳيان تڇ آھي،
تون جو ھن پوريءَ ڪائنات تي حاوي آھين،
پر مان ڇا ڪيان،
مون وٽ ان کان بھتر سوغات ڪانه آھي جا تنھنجن پيرن ۾ رکان!

❊ ❊ ❊

يا رب!
تون اھا قبول فرماءِ!
اھا منھنجي پوري زندگي جو حاصل آھي، اھا قبول فرماءِ

❊ ❊ ❊

يا رب!
منھنجي اختلاف راءِ کي ابدي بناءِ! مون کي صداقت ڏي ته پنھنجي دور سان، اختلاف ڪري سگھان ۽ ان جي خلاف آواز اُٿاريان.

❊ ❊ ❊

يا رب!
مون کي ايتري جرئت ڏي ته نه رڳو اختلاف پر موافقت جو اظھار ٻه برملا ڪري سگھان ۽ انجي پرواھ نه ڪيان ته اقليت مون سان متفق آھي يا اڪثريت مون سان متفق آھي!

❊ ❊ ❊

يا رب!
مان تنھنجي خلق کي چوان ٿو ته

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



”ڪثرت نظر جو فريب آهي
هن جي وحدت ناقابل انڪار آهي.
هوئي آفتاب ۾ سورج مکيءَ وانگر ٽڙي پوي ٿو
هوئي ڪکر ڪارونيار ٿي اچي ٿو
۽ گلاب ۽ رابيل جا منهن ڌوئي ٿو
۽ انهن ۾ مهڪي ٿو،
۽ پرندن ۾ چهڪي ٿو“
جن جا گيت ٻڌي
ٽاري ٽاري جهومي ٿي،
۽ پن پن انهن جي مجسم سماعت ٿي وڃي ٿو.

***

يا رب!
هيءَ ڪائنات تنهنجي ڪليت بہ آهي، اڪائي بہ آهي.
منهنجو ”مون“ بہ آهي ۽ تنهنجو ”تون“ بہ آهي.
۽ هي انسان جو منهنجي پرسان بيٺو آهي.
اهو بہ تنهنجي تجليءَ ۾ ونهنجي رهيو آهي.

***

يا رب!
رڳو تون آهين
ٻيو سڀ خواب وخيال آهي
وهم وگمان آهي
مون کي غالب وانگر بازيچهءِ اطفال کان دور رک،
جيئن مان تماشي ۾ محو ٿي نہ وڃان،
۽ جڏهن نظر پوي تہ توتي پوي،
فقط توتي پوي!

***

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يا رب!
مان تنهنجو آهيان
پنهنجي چائنٺ کان مون کي پري نہ ڪر،
جنهن کان منهنجا چپ هٽي نہ ٿا هٽن.

❋ ❋ ❋

يا رب!
تون مون کي ڪيتري آزمائش مان ڪڍيو آهي؟
هاڻي ان جي ياد ئي تہ وچي رهي آهي،
انهيءَ جي ثابتي ڪهڙي آهي تہ مان آتشِ نمرود مان نڪتو آهيان؟
مان ڄاڻان ٿو تہ گلزارِ ابراهيمي منهنجي مقدر ۾ نہ آهي.
پوءِ بہ تنهنجو هر امتحان مون لاءِ سعادت آهي!

يا رب!
تون ڀلي بار بار مون کي مصلوب ڪر!
مان پنهنجيءَ تصليب تي شڪايت نہ ڪندس
رڳو مان چاهيان ٿو تہ منهنجا رت ڦڙا اجايا نہ وڃن،
۽ انهن سان ڪيئي چراغ جلي اٿن!

❋ ❋ ❋

يا رب!
هي انسان
جن کي اڪيون آهن بہ، نہ بہ آهن

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪن آهن به، نه به آهن
زبان آهي به، نه به آهي
جي تنهنجي وجود جا قائل نه آهن
۽ سمجهن ٿا ته مادو ابدي آهي،
انهن کي اها ڄاڻ ڏي
ته پرڏيهي پکي پنهنجو رستو ڪيئن ڳولن ٿا
۽ تو کان سوا انهن کي اها سوجهه ڪيئن ملي ها!

يا رب!
انهن کي اها ساڃهه ڏي، جا تو انهن مڇين کي ڏني آهي،
جي هڪ پورو سمندر تري ٻي سمندر جي ڪناري تي پهچن ٿيون ۽ اتي پنهنجا ٻچا ڪن ٿيون.

يا رب!
هنن کي چئو ته اهڙي مشعل مهيا ڪن جا ماهتاب جو قنديل ٻاري سگهي!
جڏهن تون جهڙ ۾ چانڊوڪي جي وهنجي ڇڏين ٿو، اوندهه جا ڏيئڙا تنهنجا آسائتا رهن ٿا!
تون ئي ته آهين جو ڀٽائي جي يڪتاري مان سُر سارنگ تي نڪتو هُئين،
۽ هر ڀٽ تو سان جهومي اٿي هئي،
۽ تون واريءَ جي هر ڪٽي ۾ پريو هئين!

يا رب!
ڇا تون مون ۾ ساڻون جا سانگ ڪندين؟
۽ منهنجي من ۾ اهي ڏيئڙا جلائيندين جي تون هر رات جو آسمان ۾ جلائيندو آهين،
جن کي نابين ڏسي نه سگهندا آهن
جن کي اکيون آهن به، نه به آهن
۽ جي تنهنجي وجود جو انڪار ڪن ٿا!
يا رب! انهن کي ديد ڏي انهن کي ديد ڏي!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❋ ❋ ❋

يا رب!
جي تنهنجو ساٿ آهي تہ دولت جا انبار انسان سان ساٿ آهن،
تنهنجون ڪروڙين ڪائناتون هن جي ميراث آهن،
پر جي تنهنجو ساٿ نہ آهي، امير ترين انسان بہ قلاش آهي،
تو کان سوا هر حاصلات لاحاصل آهي.
تون ئي سڀ ڪجهہ آهين.
تون ئي سڀ ڪجهہ آهين.

❋ ❋ ❋

يا رب!
انسان کان سوا فطرت جي ٻي هر شيءِ تنهنجي ويجهي آهي.
انسان جو عقل ئي هن جي ۽ تنهنجي وچ ۾ ٿو اچي.

❋ ❋ ❋

يا رب! مان تو اڳيان عاجزيءَ سان عرض ڪيان ٿو تہ،
تنهنجي ذات اقدس مون کي جو ٿورو ڪي گهڻو علم ڏنو آهي، اهو عمل کان سوا آهي.

يا رب!
مان صراط المستقيم جو راهي نہ آهيان، جا پيغمبر ڏَسي ويا آهن.

يا رب!
مون کي ارسطوءَ اهڙي اوڙاهہ ۾ اڙايو آهي، جتان مان اجان نڪري نہ سگهيو آهيان.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يا رب!
منهنجو واهرو ٿيءُ!
مون کي دليلن جي دنيا مان ڪڍي آءُ!
۽ انهيءَ رستي تي لاءِ
جو ابدي آهي
۽ جنهن تي جيڪي به نقش قدم آهن، ابدي آهن
۽ اهي انهيءَ راه ڏي وڃن ٿا
جتي تون منزل انداز آهين

❊ ❊ ❊

يا رب!
اسان جو نبي اڪرم اُمي هو، پر پوءِ به ان جو انداز هر فلسفيءَ کان اعلىٰ ۽ ارفع آهي. ڪنهن حديث ۾ آيو آهي ته ڪنهن شخص رسول الله ﷺ کان هن آيت جي معنىٰ پڇي:

”عفو ۽ درگذر ڪيو، نيڪيءَ جو حڪم ڏيو ۽ جاهلن کان منهن موڙي ڇڏيو!“ ته فرمايائون، ”انهيءَ آيت ۾ اخلاق جا تمام محاسن ڪٺا ڪيا ويا آهن جن جو تعداد ست آهي ته:

1. جو شخص توتي ظلم ڪري، ان کي معاف ڪري ڇڏ.
2. جو شخص تو کي محروم ڪري، ان کي ڏي.
3. جو شخص توسان قطع تعلق ڪري، ان سان تعلق پيدا ڪر.
4. جو شخص تو سان بدسلوڪي ڪري، ان سان سٺو سلوڪ ڪر.
5. جو شخص تنهنجي بدخواهي ڪري، انهيءَ سان خير خواهي ڪر.
6. جو شخص تنهنجي غيبت ڪري، ان لاءِ استغفار ڪر ۽
7. جو شخص تو کي غصو ڏيکاري، ان سان بردباريءَ سان پيش آءُ.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



مون اخلاق جي تهذيب تي ان کان بهتر ڪجهه نہ پڙهيو آهي نہ ان کان بهتر ڪجهه بہ ٿي سگهي ٿو.

❊ ❊ ❊

يا رب!

مان ايترو غرق گناهہ رهيو آهيان، جو پنهنجي سوانح تو کان سوا ٻي ڪنهن کي ٻڌائي نہ ٿو سگهان!

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ تون اها اڳ ئي ڄاڻين ٿو.

يا رب!

تو وٽ توبہ جو دروازو ڪڏهن بہ نہ ٻوٽيو آهي. جيستائين زبان کي گويائي آهي، اها انسان جي توبہ تو تائين پهچائي ٿي سگهي.

يا رب!

منهنجي توبہ قبول ڪر!

مون کي ساڃهہ ڏي تہ نبي اڪرم جا انساني اخلاق جي باري ۾ تهہ دل سان محسوس ڪري سگهان ۽ انهن تي عمل ڪري سگهان ۽ ايڏو بي فڪر ٿي وڃان جيترو هو ابابيل آسمان ۾ آهن.

❊ ❊ ❊

يا رب!

هي انسان اهو چو نہ ٿا سمجهن تہ هي دنيا گذر جو مڪان آهي، گهر نہ آهي،

هر ڪوئي سراءِ ۾ رات ڪاٽي ويندو رهندو، ڪي ان کي سجائن ٿا، ان لاءِ شمع دان آڻن ٿا ۽ ڪي زيب و آرائش جا پيا انتظام ڪن ٿا.

يا رب!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



ھي سراءِ ۾ ايتريون روشنيون ڇو ٿا ڪن؟
ايترو ساز و سامان ڇو ٿا وجھن؟
ھر شيءِ اتي رھجي ويندي ۽ انھن کي سار بہ نہ ھوندي تہ ڪلھ ھتي ڪير ترسيو ھو!
ڇا ڪوئي جام اھي ڇپ ساري سگھندا جن ھن مان پيتو ھو؟

يا رب!
مون کي پکيءَ وانگر ساڃھ ڏي،
تہ ڇوڳو ڇڳي نيٽ اڏامي وڃٹو آھي،
مون کي نہ رڳو سيان جي اُلڪي پر اڄ جي اوني کان بہ آزاد ڪر.

❊ ❊ ❊

يا رب!
منھنجي من کي پاڻ ڏانھن ائين ڇڪ جئين بسنت رت ۾ انب جو ٻور ماکيءَ جي مکين کي ڇڪيندو آھي.
تون ئي منھنجي رشد و ھدايت آھين
تون ئي تہ ماھتاب کي طلوع ۽ غروب ڪرين ٿو ۽ اھو جڏھن پاٹيءَ ۾ وھنجي ٿو تڏھن ان جي برھنگي عيب آھي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
انسان دولت جو تمنائي ڇو آھي؟
ھو تہ ننگو آيو آھي، ننگو وڃٹو آھي.
۽ ڪفن بہ ھر ڪنھن کي نصيب نہ ٿيٹو آھي!

يا رب!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



مون کي اها دولت عطا فرماءِ جا اڳي تو اهل دل کي ڏني آهي.
مون لاءِ ہي دولت ڪهڙي معنىٰ ٿي رکي؟

❊ ❊ ❊

يا رب!
نہ مون کي عوام جي راءِ جي پرواهہ آهي نہ خواص جي راءِ جي،
نہ منهنجو ڪوئي دوست آهي،
مان ڄاڻان ٿو تہ جي تون منهنجو دوست آهين ۽ مان پنهنجو دوست آهيان تہ مون کي ڪنهن دوست جي ضرورت نہ آهي.

يا رب!
هي ڪبر و غرور نہ آهي
تنهنجي خاڪ پا تائين رسائي جي ڪوشش آهي،
جي منهنجي آواز جي تو تائين رسائي ناهي تہ تون انکي وڏيڪ سگهہ ڏي جيئن اهو تنهنجا پير چهي سگهي!
مان ساري رات تو اڳيان دست بدعا رهان ۽ منهنجا هٿ ائين رهن جئين پوپٽ جا پر هوندا آهن.

يا رب!
تصوير کي رنگ تہ هوندا آهن، خوشبو نہ هوندي آهي.
منهنجي دعا کي خوشبوءَ سان واسي ڇڏ!

يا رب!
هيءُ نياڻي جا گلاب جي گل وانگر آهي، انهيءَ کي هر ميري نظر کان دور رک،
۽ هن جي منهن تي پنهنجو باران رحمت وساءِ جيئن هن جي لڙڪن جون لارون ڌوپجي وڃن!

يا رب!
سنڌ جي ڪائي نياڻي، امير خسروءَ چواڻي "بابل جي گانءِ" نہ بڻاءِ!
ان کي شينهڻ جي دل ڏي تہ اها مرد جا وڏل پنجوڙا چني ڇڏي،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



ان جي غلاميءَ مان آزاد ٿئي ۽ ان جي ڏنل مانيءَ ڳيپي کي ان جي منهن ۾ موٽائي هڻي!

يا رب!
مون کي هر ماءُ لاءِ احترام ڏي،
مون کي هر نياڻي لاءِ احترام ڏي،
۽ اهو بهشت منهنجي ديد کان ڳجهو نه رک جو تون ان جي پيرن هيٺان رکيو آهي.
يا رب!
ڇا ڪوئي انسان آهي جو ماءُ جو هڪ ٿورو لاهي سگهي؟
ڇا اهڙو ڪوئي ماڻهو آهي
جو مان اکين کي تارازي ڪري ماءُ جو پيار توري سگهان؟
اُٿل ته پوءِ به ماءُ جي پيار ڏانهن ٿيندي!

يا رب!
مون کي ماءَ جي پيرن ۾ جاءِ ڏي جي سنگ مرمر کان وڌيڪ شفاف آهن ۽ ابد تائين چنڊ کان وڌيڪ چمڪن ٿا.

يا رب!
ماڻهوءَ کي ماني مهيا ڪري ڏي ته هي ڌرتي هن جي گيتن سان گونجي اٿي!
تون رزاق آهين ۽ تو رزق جو واعدو ڪيو آهي. تون آجر جي دل ۾ رحم وجهه ته اجير کان پنهنجو حق نه کسي! ۽ انسان جو پگهر سڪڻ کان اڳ هن جي پورهئي جو اجر ڏي،
پورهيو ڏي!

❊ ❊ ❊

يا رب!
علم اهو خزانو آهي جو کٽي نه کٽڻو آهي ۽ جنهن مان انسان ڍاپي نه ڍاپڻو آهي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



دور جديد ۾ اسان جا ڏاها جي ارڏا به آهن اجهل به آهن، اهي مارڪس، لينن، ٽراٽسڪي، مائو، هوچي منهه، وغيره جي هر قول تي ائين جهڙپ ٽا ڏين، جيئن جڏهن ٻار ٻير جي وڻ کي ڏوٽي نه سگهندا آهن تڏهن ڏرتيءَ تان اهي ٻير چوندبيندا آهن جي هوا ۾ ڪري پوندا آهن يا طوطا چچري ڦٽي ڪندا آهن.

يا رب!
مشرق جو علمي خزانو ڪيترو نه وسيع آهي! نه ڄاڻان اسان جو نئون نسل ان مان فائدو ڇو نه ٿو وٺي!

يا رب!
مشرق جو علم انسانيت جي تڪميل لاءِ مغرب کان وڌيڪ ضروري آهي جيتوڻيڪ دير ٿي وئي آهي.
مون کي مهلت ڏي ته مان ان تي عبور حاصل ڪيان.

❋ ❋ ❋

يا رب!
مون کي انسان ۾ هن جي جدوجهد ۾ ڪيترو نه اعتبار هوندو هو!
مون انسان کي وحشي درندي جي روپ ۾ به ڏٺو آهي ۽ هڪ ڪني، نڪاري ڪيئين وانگر رڙهندي به ڏٺو آهي.
مون کي هن جي جدوجهد ۾ ساڳيو ويساهه نه رهيو آهي،
اها واٽ جا تنهنجا پيغمبر ڏيکاري ويا آهن، اها ئي منزل تي رسائي ٿي، باقي واٽون ته ڪنهن اونهيءَ کڏ تي کڻن ٿيون.

❋ ❋ ❋

يا رب!
هڪ ڀيري خواجه حسن بصريءَ چيو هو،
”مون کي تعجب اچي ٿو ته جي ڪلن ٿا، انهن کي پنهنجي حال جي خبر نه آهي“
( يعني اها خبر نه آهي ته ڇا پيش اچڻ وارو آهي)

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يا رب!
ڪنهن چاتو آهي تہ ٻي ڏينهن ڇا اچڻو آهي!
ماڻهوءَ جي ڪِل لبريز صراحيءَ وانگر اوچتو ٽڙڪي سگهي ٿي.

يا رب!
مون کي رڳو تبسم (مُرڪ) عطا ڪر
فقط احمق ٺهہ ٺهہ ڪري ٽهہ ٽهہ ڪندا آهن.

❊ ❊ ❊

يا رب!
حسد کي ڪيڏيون نہ پيليون اکيون آهن، اهي نہ چيتي کي آهن نہ بگهڙ کي، نہ هاتار کي، نہ ٻئي ڪنهن ساهواري کي، رڳو انسان کي آهن. انسان پنهنجي دوزخ ۾ ڪيڏو نہ پچرن ٿا! مون حضرت وهب بن منبہ جا قول پڙهيا، جنهن جو نالو شايد سنڌ ۾ ڪنهن نہ ٻڌو آهي، هو صنعان فارس جو هو ۽ سماوي ڪتابن، تورات ۽ انجيل جو فاضل عالم هو ۽ قياس اهو آهي تہ اهو اهل ڪتاب مان هو، هو حليم ۽ نرم طبيعت وارو هو ۽ ڪهرو نہ ڳالهائيندو هو. هن چيو هو،
”حسد کان بچو! خدا جي پهرين نافرماني حسد ڪرائي قابيل ڀاءُ هابيل کي حسد جي ڪري ماريو هو.“
”حاسد جي سڃاڻ اها آهي تہ هو غايت جي غيبت ڪندو آهي ۽ حاضر جي چاپلوسي ڪندو آ هي.

❊ ❊ ❊

يا رب!
تو مون کي عقل ڏئي مون کان اها معصوميت ڇو کسي آهي جا تو هن ٻڪيءَ کي ڏني آهي، جنهن جي آواز ۾ اجان تائين بهشت آهي جو انسان وڃائي چڪو آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يا رب!
منهنجي لاءِ هي ساري ڪائنات مسجد آهي،
ان جا محراب ۽ منبر آسمان تائين اوچا آهن ۽ هي پوري ڌرتي تنهنجي جاءِ نماز آهي.

يا رب!
مون کي توفيق ڏي
ته مان تنهنجي ساري ڪائنات سان گڏجي قبلہ رو ٿيان،
۽ جنهن وقت سجدي ۾ وڃان ته هر طرف تون هجين
۽ هر چيز مون سان گڏ اسلام عليڪم ورحمته الله ڪري.

يا رب!
مون مان منهنجي ”مون“ ڪپي ڌتي ڪر،
تون ئي تون رهجي وڃ!
تون ئي تون رهجي وڃ!

❋ ❋ ❋

يا رب!
جي تون نہ هجين ته هن زندگيءَ کي ڪهڙي معنيٰ هجي؟ ڇا هيءَ زندگي فقط خورد و نوش آهي، فقط لباس آهي جو زيب تن آهي؟ فقط ستر اسي سال جي حياتي آهي جا خواب وانگر گذري وڃي ٿي ۽ پوءِ خاڪ خاڪ ڌانهن موٽي ٿي ۽ پيو ڪجھ بہ نہ ٿو رهي؟

يا رب!
ائين ڪئين ٿي ٿو سگهي؟
جي اها ڳالھ صحيح آهي ته خودڪشي لاءِ جواز ڪئين نہ آهي؟
جي اڳي يا پوءِ خاڪ خاڪ سان ملڻي آهي، ته اينگم ڇا لاءِ؟

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يا رب!
من کي يقين ڪامل عطا ڏي ته تون آهين،
هيءَ زندگي پوري ٿي توڏانهن اچي ٿي، هيءَ زندگي تنهنجي ذڪر ۽ فڪر سان سجائي ٿئي ٿي ۽ ان ۾ ئي پنهنجي تڪميل تي پهچي ٿي.

يا رب!
تون ڪيئن آهين، ڪٿي آهين، ڪهڙيءَ ريت حاصل ٿي سگهين ٿو، اهو منهنجي سمجهه کان بعيد آهي.
مان ول هجان، يا وڻ هجان ها، يا پرندو هجان ها، ته تو سان منهنجي گفتگو ٿي سگهي ها. مان ته انسان آهيان ۽ منهنجي زبان لاءِ حد فاصل آهي. اها تو سان هم ڪلام ٿي نه ٿي سگهي.

يا رب!
منهنجي زبان عاجز آهي،
منهنجي دل کي پاڻ تائين رسائي ڏي!

يا رب!
ڇا تون ۽ تنهنجو ڪتاب ڪافي نه آهي؟
ڇا مون کي ڪنهن مرشد جي ضرورت آهي؟
ڇا تنهنجي تاويل ۾ منهنجيءَ انفراديت جا انا آهي؟
مان ته سراپا عاجزي آهيان.

يا رب!
منهنجي لاءِ ماڻهن ڪيڏا نه لغو قصا گهڙيا آهن؟
هو مون تي ائين الزام ڏري رهيا آهن ته مان يڪتائيءَ جي عظمت کان انڪار ٿو ڪيان جئين هو ڪنهن وقت ابن رشد تي ڏريندا هيا ته هو ابن سينا جي ترديد ڪري رهيو آهي. ڇا تون منهنجي رشد و هدايت لاءِ ڪافي نه آهين؟

* * *

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



يا رب!
جيسيتائين ڪوئي فانوس راھ ۾ اچي تيسيتائين هيانوَ جي سوجهري تي پنڌ ڪري رهيو آهيان، ڪاريءَ رات ۾ تنهنجي پيغمبر آخر زمان جا قول ستارن وانگر لڳي رهيا آهن. چوان ٿو اهي انسان ذات سان وراهيان جا ٽڪجي پئي آهي ۽ جنهن ۾ هر روز ڪٿي نہ ڪٿي قيامت صغرا نظر اچي رهي آهي.

يا رب!
چا نہ قطار اندر مشعلون آهن، نبيءَ اڪرم ۽ اصحاب نبيءَ جا قول
نبيءَ جي هر حديث لاٽ وانگر آهي جا تابہ ابد چمڪندي رهندي. هر حديث جو تعلق ايمان، عمل، آداب ۽ اخلاق سان آهي.

- اعمال جو دارومدار نيتن تي آهي.
- مومن جي نيت انجي عمل کان بهتر هوندي آهي.
- خدا اوهان جي جسمن ۽ مال کي نہ ٿو ڏسي. اوهان جي دلين ۽ ڪمن جي خلوص کي ٿو ڏسي.
- (الله کي مڃڻ کان پوءِ) بهترين دانائي ماڻهن سان محبت آهي.
- اوهان مان ڪوئي مومن نہ ٿو ٿي سگهي، جيسيتائين ٻين لاءِ بہ اهو پسند نٿو ڪري جو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.
- ڪائي اهڙي چيز رستي تي ڪريل ڏسو، جا خدا جي بندن کي تڪليف ڏي تہ انهيءَ کي اتان هٽائي ڇڏيو. هي ايمان جي علامت آهي.
- دين نصيحت ۽ خير خواهيءَ جو نالو آهي.
- جيڪڏهن توکي ڪنهن نيڪيءَ سان خوشي ٿئي ۽ گناھ تي وجھڻ سبب تڪليف ٿئي تہ اها ڳالھ تنهنجي ايمان جي علامت آهي.
- ماڻهن سان کليءَ دل سان ملڻ، انهن کي چڱيون ڳالهيون ٻڌائڻ، بُرين ڳالهين کان روڪڻ، ڀليل ڀٽڪيلن کي دڳ لائڻ، رستي تان ڪندو يا پٿر هٽائي ڇڏڻ، اهي سڀ ڪم اجر ۽ ثواب ۾ صدقي ۽ خيرات جهڙا آهن.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



- ڪنهن به مسلمان لاءِ روا نه آهي ته هو ڪنهن اگهائيءَ سبب ٽن ڏينهن کان وڌيڪ پنهنجي ڀاءُ کي ڇڏي ڏئي. ملاقات ٿئي ته هڪ ٻئي کان منهن ڦيري، ٻنهي ۾ بهتر اهو آهي جو سلام ۾ سبقت ڪري.
- الله جي اڳيان ان کان بهتر عبادت نه آهي ته پنهنجي ڀاءُ جي دل ورتي وڃي.
- پنهنجي ڀاءُ جي مدد ڪر، پوءِ هو ظالم هجي يا مظلوم. مظلوم جي مدد اها آهي ته هن کي ظلم کان بچايو وڃي ۽ ظالم جي مدد اها آهي ته هن کي ظلم کان باز رکيو وڃي.
- هڪ مومن ڄڻ ته ٻئي مومن جو آئينو آهي. هن ۾ نقص هجي ته هن کي آگاهه ڪيو وڃي.
- جيڪو پنهنجي ڀاءُ جا عيب ڇپائيندو، ان جا خدا عيب ڇپائيندو.
- هڪ ٻئي کي سوکڙيون ڏيندا ڪيو، ان سان محبت پيدا ٿيندي آهي.
- شرڪ کان پوءِ بدترين گناهه خلقِ خدا کي ڏکارو ڪرڻ آهي.
- سيني کان چڱو اهو آهي جنهن مان انسانن کي فائدو پهچي.
- غريبن جي خدمت ڪرڻ وارو (اجر ۽ ثواب ۾) ڏينهن جو صائم آهي ۽ رات جو قائم آهي.
- تون زمين وارن تي مهرباني ڪر ته آسمان وارو تو تي مهربان ٿيندو.
- منهنجي امت ۾ چڱا ماڻهو اُهي آهن، جن کي جڏهن ڪاوڙ اچي ٿي ته ڪاوڙ پي ٿا وڃن.
- جيڪو توڙي حق تي هجي، پر جهيڙي جهڳڙي کان بچڻ لاءِ پنهنجي حق تان هٿ کڻي وڃي، ان جي جنتي هجڻ جو ضامن مان آهيان.
- خلق جو حسن ئي دين آهي.
- مسلمان بدخلق ۽ بخيل نه ٿيندو آهي.
- آدمي کي جيڪي ڪجهه ڏنو ويو آهي، ان مان سڀ کان چڱي خوش خلقي آهي.
- ايمان انهيءَ جو ڪامل آهي، جنهن جو اخلاق پسنديده آهي.
- اخلاق جو چڱو هجڻ، محبت الاهي جي علامت آهي.
- جا چيز سيني کان وڌيڪ ٻاجهه جو ڪارڻ ٿيندي، اها منهن تي مُرڪ ۽ مٺي ٻولي آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



- بدخُلقي اخلاق کي ائين چٽ ڪري ٿي، جيئن سرڪو ماکيءَ کي چٽ ڪري ٿو.
- جنهن ۾ امانت نہ آهي ان ۾ ايمان نہ آهي.
- جو وعدي جو پابند نہ آهي، ان جو ڪوئي دين نہ آهي.
- امانت سان رزق وڌندو آهي، خيانت سان افلاس لازمي طور ايندو آهي.
- مشورو بہ امانت آهي.
- مومن سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو، ڪوڙو ۽ خائن (خيانت وارو) نہ ٿو ٿي سگهي.
- جنهن چرچي ۾ بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو، ان جي جنتي هجڻ جو ضامن مان آهيان.
- ڪوڙ ايمان کي زائل ڪري ٿو.
- سچ چئو پوءِ ڀلي اهو ڪوڙو هجي.
- سچ تي بيٺا رهو، توڙي اها ڳالهہ اوهان جي نفس جي برخلاف هجي.
- فياض خدا جو دوست هوندو آهي.
- مٿيون هٿ هيٺين هٿ کان بهتر آهي.
- حسد نيڪين کي ائين کائي ويندو آهي، جيئن باهہ ڪاٺين کي ڀسم ڪري ڇڏيندي آهي.
- هڪ ٻئي ۾ محبت، ڪفايت شعاري، ماڻهن سان نرميءَ سان ورتاءُ، خاموشي ۽ طبيعت جو استقلال نبوت جو وصفن جا جزا آهن.
- ايمان درست نہ ٿيندو جيستائين دل جي اصلاح نہ ٿيندي ۽ دل جي اصلاح نہ ٿيندي جيستائين زبان جي اصلاح نہ ٿيندي.
- حيا ايمان جي هڪ شاخ آهي.
- حيا سراپا خير آهي.
- شرم ۽ حيا ۾ نيڪي ئي نيڪي آهي.
- بلند همتي ايمان جي علامت آهي.
- جابر بادشاهہ جي اڳيان ڪلمہ حق جو اظهار بهترين جهاد آهي.
- جو ڄاڻي واڻي ظالم جو ساٿ ڏئي، اهو پورو مسلمان نہ آهي.
- امانت دار تاجر خدا جو دوست آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



- نيڪ آدميءَ وٽ جائز دولت سڀ کان چڱي شيءِ آهي.
- عبادت کان پوءِ ٻيو فرض انسان تي حلال جي روزي آهي.
- ڪوئي بہ شخص پنهنجي هٿن جي ڪمايل روزيءَ کان بهتر روزي نہ ٿو کائي.
- ماڻهن جي تعلقات ۾ خلل اندازي ماڻهو جي نيڪيءَ تي پاڻي ڦيري ٿي ڇڏي.
- انصاف جي هڪڙي گهڙي ڪيئي سالن جي عبادت کان بهتر آهي.
- دين ۾ مياني روي اختيار ڪيو.
- سادگي ايمان جي علامت آهي.
- اهڙي شخص مان ڪهڙي ڀلائي ٿي سگهي ٿي، جنهن جي ڪنهن سان الفت نہ هجي ۽ جنهن سان ڪنهن جي الفت نہ هجي.
- نيڪيءَ سان عمر وڌندي آهي.
- نيڪيءَ جي طرف سڏڻ وارو، نيڪي ڪرڻ واري جي برابر آهي.
- جو شخص ڪنهن برائي کي ڏسي تہ هن کي گهرجي تہ ان کي پنهنجي هٿ سان روڪي، پر جي ائين نہ ڪري سگهي تہ زبان سان مَنع ڪري، پر جي ائين بہ نہ ڪري سگهي تہ ان کي دل ۾ برو سمجهي.
- جو علم جي طلب ۾ نڪتو، اهو الله جي رستي تي آهي.
- هر شيءِ جو هڪ رستو آهي، جنت جو رستو علم آهي.
- علم لاءِ جدوجهد اڳين گناهن جي تلافي آهي.
- جنهن علم جي طلب ۾ وفات پاتي، اهو شهيد ٿيو.
- علم جي بزرگي، عبادت جي بزرگيءَ کان برتر آهي ۽ مهد کان لحد تائين علم حاصل ڪيو.
- علم حاصل ڪريو پوءِ ڀلي تہ ان لاءِ اوهان کي چين جهڙي دور دراز ملڪ جو سفر ڪرڻو پوي.
- مومن جي طبيعت ۾ خوشامد نہ هوندي آهي، سوا ان جي تہ هن کي علم جي طلب هجي.
- عالم جي قلم جي مس، الله کي شهيد جي خون کان وڌيڪ پياري آهي.
- الله انهن اميرن کي پسند ڪري ٿو جي عالمن سان رابطو رکن ٿا.
- دنيا ۾ سڀ کان شرير بگڙيل عالم آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



- شرڪ ڪان پوءِ وڏو جرم والدين سان سرڪشي آهي.
- جنت ماءُ جي قدمن هيٺان آهي.
- پيءُ جي خوشنوديءَ ۾ خدا جي خوشنودي آهي، پيءُ جي غضب ۾ خدا جو غضب آهي.
- تون پنهنجي والدين سان چڱو سلوڪ ڪر، توسان تنهنجي اولاد چڱو سلوڪ ڪندي.
- پنهنجن رشتي دارن سان چڱو سلوڪ ڪرڻ وارو اهو نہ آهي جو رشتي دارن کان بدلو وٺي پر اهو آهي جو هنن سان ٽٽل رشتو ڳنڍي ٿو.
- توهان مان اهو چڱو آهي، جو پنهنجن گهر وارن لاءِ چڱو آهي.
- عورتن جي معاملي ۾ خدا کان ڊڄو! اوهان جو عورتن تي حق آهي، عورتن جو اوهان تي حق آهي.
- عورت جي عزت شريف طبيعتون ئي ڪنديون آهن، انهن جي اهانت ڪمينن ماڻهن کان سواءِ ڪوئي نہ ڪندو آهي.
- ڌيئن جي پرورش هڪ امتحان آهي، جو ان ۾ پورو پيو، اهو ڪامياب ٿيو.
- عورتن ۾ سڀ کان چڱي عورت اها آهي، جنهن کي مڙس ڏسي تہ خوش ٿئي.
- بخدا! اهو مومن نہ آهي، جنهن جي بديءَ کان هن جو پاڙيسري محفوظ نہ هجي.
- پاڙيسري جو رڳو ايترو حق نہ آهي، تہ هن کي ايذاءُ نہ ڏنو وڃي پر هن جو اهو بہ حق آهي تہ هن تي احسان ڪيو وڃي.
- قيامت جي ڏينهن غريب پاڙيسري پنهنجي مالدار پاڙيسريءَ کي دامن کان جهليندو تہ، ”تو منهنجو خيال نہ رکيو.“
- جي ڪوئي پاڻ ڍؤ تي ڪائي پر هن جو پاڙيسري بکيو رهي تہ هن جو ايمان ناقص آهي.
- جو بيمار جي عيادت ڪري ٿو، اهو خدا جي ضمانت ۾ آهي.
- انهيءَ بيمار جي عيادت تي بہ وڃ جو تنهنجي عيادت لاءِ نہ آيو هجي.
- مومن جي زبان دل ۾ رهندي آهي، يعني جڏهن هو ڪجهہ چوندو تہ پهريون سوچيندو پوءِ ڳالهہ ڪندو آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



- تون خدا جي عبادت ائين ڪر ڄڻ تون هن کي ڏسي رهيو آهين، پر جي تون هن کي نہ ٿو ڏسين تہ هو تو کي ڏسي ٿو.
- جو بندن جو شڪرگذار نہ آهي اهو خدا جو بہ ناشڪرو آهي.
- گهڻو نہ کِل، گهڻي کِل دل کي ماري ڇڏيندي آهي.
- دنيا لاءِ طبيعت جي اهڙي استقلال سان جهدوجهد ڪر، ڄڻ توکي هتي هميشہ رهڻو آهي.
- موت جي اهڙي طرح تياري ڪر، ڄڻ تنهنجو دنيا سان ڪو تعلق ئي ناهي.
- پنجن شين کي غنيمت ڄاڻ. جوانيءَ کي پيريءَ کان اڳ، تندرستيءَ کي بيماريءَ کان اڳ، خوشحاليءَ کي تنگ دستيءَ کان اڳ، زندگيءَ کي موت کان اڳ ۽ فرصت کي مشغوليت کان اڳ.
- ڪمن جي بهتري انهن جي اعتدال ۾ آهي.
- غنا، مال و دولت جي جهجهائي تي مدار نہ ٿي رکي، سچي غنا دل جي غنا آهي.
- مومن بار بار ڌوڪو نہ کائيندو آهي.
- جو عقل کان محروم آهي، ڄڻ تہ دين کان محروم آهي.
- دنيا جي محبت گناهن جي جڙ آهي.
- جو انتقام وٺي سگهندو هجي پر غصي تي ضبط ڪري، خدا هن جي قلب کي طمانيت سان پري ڇڏي ٿو.
- برائي جو جواب ڀلائي سان ڏي، نيڪيءَ جي قوت سان بديءَ جي قوت تي غلبو حاصل ڪر. برا ماڻهو پنهنجون برايون نہ ٿا ڇڏن تہ چڱا ماڻهو پنهنجون چڱايون ڇو ڇڏين.
- نعمت هڪ وحشي جانور آهي. هن کي شڪر جي زنجيرن سان ٻڌي رک.
- دنيا کي ڇڏي ڏي تہ اها تو ڏانهن رغبت سان اچي.
- گهڻي ڳالهائڻ کان وڌيڪ ڪا شيءِ انسان لاءِ بري نہ آهي.
- جڏهن رشوت دروازي مان داخل ٿيندي آهي تہ امانت دريءَ مان نڪري ويندي آهي.
- آدمي پاڻ ۾ ائين آهن جيئن ڦڻيءَ جا ڏندا.
- دنيا ۾ ان طرح زندگي گذار ڄڻ تون پرديسي آهين.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



- گهر وٺڻ کان اول پاڙيسري ۽ سفر کان اڳ سفر جي ساٿيءَ کي سمجهي وٺ.
- مون جبرئيل کان پڇيو: ”ماڻهوءَ کي سرداري ڪهڙي ڳالهه سان ملندي آهي؟“ ته جواب ڏنائين، ”عقل سان.“

يا رب!

مان ته اهي حديثون پڙهي انهن غواصن وانگر حيران ٿي ويو آهيان، جي واريءَ ۾ جهانورايل اکين سان موتي مٺ ۾ ڏسندا آهن ۽ ٻوليءَ تي پنهنجي قدرت نه رهي آهي. رڳو ظفر علي خان جو شعر ٿو ياد اچي.

جو نکته وروں سے حل نہ ہوا، جو فلسفیوں سے کھل نہ سکا،

وہ راز اک کملی والے نے سمجھا دیا، چند اشاروں میں۔

يا رب!

مون کي سگهه ڏي ته اهي پرجهي ڏسان!
مون کي سگهه ڏي . . . .
آمين ثم آمين

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

اي خدا ! مون ساري عمر تنهنجو نالو نہ ورتو آهي. منهنجي زبان ڪي ايتري سگهہ ڏي جو مان تو کي سڏ ڪيان تہ زمين ۽ آسمان ان سان گونجي اٿي.

❊ ❊ ❊

منهنجا خدا! مون کي معاف ڪجانءِ. منهنجي عبادت رڳو مُنهنجي شاعري ۾ ئي آهي. منهنجي شاعري انهيءَ ٻڪرار جي گفتگو وانگر آهي، جنهن کي موسيٰ عليہ السلام جي موجودگيءَ جو احساس نہ هو.

❊ ❊ ❊

اي خدا! جيئن تو اسان کي ديد ڏني آهي تہ شفق ۾ سج جا پويان پاڇاوان ڏسي سگهون ۽ جيئن اسان کي گل جي خوشبو جو احساس ڏنو آهي، ايئن تو اسان ۾ چڱائيءَ لاءِ پيار بہ پيدا ڪيو آهي، چڱائي جا اسان جي اندر مان اپري ٿي. اها ٻي ڳالھ آهي تہ ڪي انڌا آهن، ڪن جو ناسون ٻُوٽجي ويون آهن ۽ ڪن جي سيني ۾ برائي ڪانڊيرن جي جهنگ وانگر اُپري آئي آهي. ائين ڇو آهي؟ اي خدا ! جڏهن هر شيءِ جو خالق تون آهين؟

❊ ❊ ❊

اي خدا! مون سڄي عمر تنهنجي وجود تي غور ڪيو آهي. هاڻي جي مان چوان ٿو تہ تون آهين تہ ضرور هوندين! هي ليار جا ڳاڙها گل، تُنهنجا اکين ڏٺا شاهد آهن، بسنت جي هير توکي ڇُهي ڏٺو آهي ۽ اهي نرم رخسار جيڪي آسمان ۾ ڪڪر تي وجن ٿا، تنهنجا ئي آهن، تو کي ڪائي شڪل و صورت نہ آهي ۽

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



پوءِ بہ هيءَ ڪائنات تنهنجو آئينو آهي، آئينو جو ٽُٽي نہ ٽو ٽٽي ۽ جنهن تي ڪنهن بہ ڌهرئي جا پٿر پهچي ٽٽا پهچن!

❋ ❋ ❋

اي خدا! هي ڪِئلي جا ٻِرَ ڏانهن ڊوڙي رهي آهي، اِن کي ڪيئن خبر پيئي تہ بادل وسڻ وارا آهن؟

❋ ❋ ❋

اي خدا! تُنهنجي صراحي منهنجي اڳيان سارو ڏينهن پريل رکي رهي، پر مون اُن مان هڪ ڍُڪ بہ نہ پيتو! هاڻي جڏهن سج لهي رهيو آهي، مون کي ڪيڏي نہ اُڃ آهي؟

❋ ❋ ❋

اي خُدا! مون کي ڌڪار کان ڌڪار ڏي، مون کي ٻچان کان ٻچان ڏي، جيئن مان پوري انسانذات کي پاڪر ۾ پري اُن کي چميون ڏيان ۽ ان کان ڪڏهن نہ ڇرڪان جيئن عيسىٰ کي ڪنهن بہ ڪوڙهئي کان ڪِرڇ نہ ايندي هئي.

❋ ❋ ❋

اي خدا! تون ساري ڪائنات بہ آهين ۽ پيو ڪجهہ بہ آهين، جنهن لاءِ عين اليقين ضروري آهي، پر اهو هر ڪنهن جي حصي ۾ نہ ٿو اچي!

❋ ❋ ❋

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



اي خدا! منهنجي دشمن جي روح ۾ چڱائي وِجهه، هن کي سمجهه ڏي ۽ هن کي پنهنجي رحم کان محروم نه ڪر!

❊ ❊ ❊

اي خدا! تون منهنجون اکيون آهين! تو سان مان اهي ڳالهيون ڏسي سگهان ٿو جي ٻيا انسان ڏسي نه ٿا سگهن. مان تو سان اهي ڳالهيون ٻڌي سگهان ٿو، جي ٻيا انسان ٻڌي نه ٿا سگهن. توئي ته مون کي قلم گهڙڻ سيکاريو آهي ۽ منهنجي هر تحرير مان ليئو پائي ان کي ڏسي رهيو آهين ۽ پنهنجي حقير شاگرد جي مٿي تي هٿ ڦيري رهيو آهين.

❊ ❊ ❊

اي خدا! مان تنهنجيءَ ترتيب جو زنده ثبوت آهيان.

❊ ❊ ❊

آءُ تو کي خدا ڏيکاريان؟
ڇا ان جاءِ تي
بيهي سگهندين
جتي
موسیٰ بيهوش ٿي ويو هو
۽ جتي ڪوهِ طور
پاش پاش ٿي ڇُڪو هو؟

❊ ❊ ❊

تون پڇين ٿو ته 'خدا ڇا آهي؟' ۽ مان پڇان ٿو ته 'خدا ڇا نه آهي؟' ٿي سگهي ٿو ته اسن ٻئي ساڳيا سوال پڇندا هجون، ٿي سگهي ٿو ته اهي ٻه الڳ سوال هجن.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

تون دهريو آهين، توکي ان تي غصو ٿو اچي ته مان وحدانيت ۾ اعتبار ڇو ٿو ڪيان! مان ته رڳو اهو سوچي رهيو آهيان ته ڪاٺ ڪُتي ڪي، جنهن جا رنگ شفق کان سهڻا آهن، خدا کان سواءِ ٻيو ڪير بنائي ٿو سگهي؟

❊ ❊ ❊

ڇون ٿا ته نه رڳو ماڻهو سمنڊ ۾ ترندو آهي
پر سمنڊ به ماڻهوءَ ۾ ترندو آهي،
۽ ٻڏندا به ٻئي هڪ ٻئي ۾ آهن.
جي تون هن ڪائنات تي
سوچيندين
ته تو کي
اها ڳالهه
سمجهه کان مٿي نه لڳندي.

❊ ❊ ❊

تون ڪير آهين، جو منهنجي جاڳ کي
جهنجهوڙي رهيو آهين
۽ ڇئي رهيو آهين
ته توکي نيٺ ننڊ اچي ويندي،
۽ توکي وجهه نه ملندو
وري وجهه نه ملندو.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



ماڻهو ڪيڏو نہ نِرڇو آهي! هو چنگيز ۽ هلاڪوءَ جي موت کان پوءِ بہ نہ سمجهي سگهيو آهي تہ هر ڪنهن جو انت ساڳي ڪَڏ آهي! جڏهن هو انڌ جي گهوڙي تي سوار آهي تہ هُن جون اکيون ڏرتيءَ ڏانهن هيٺ نہ ٿين ڏسن!

❋ ❋ ❋

جي تون موت جي حقيقت نہ سمجهي سگهيو آهين تہ زندگيءَ جي حقيقت ڪيئن سمجهي سگهندين؟

❋ ❋ ❋

توکي موت ٻلي وانگر گهوري رهيو آهي ۽ تون ڪبوتر وانگر اکيون ٻوٽي ويٺو آهين!

❋ ❋ ❋

مون جڏهن ڪُتي کي ماني ٽڪر ڦٽي ڪيو آهي، تڏهن هن جي اکين ۾ بہ احسان جي لهر ڏٺي آهي. اي اشرف المخلوقات جا پُٽ! تون ڪُتي کان بہ پري آهين!

❋ ❋ ❋

تون خدا کان تہ نہ ٿو ڊڄين، انهيءَ جهنم کان تہ ڊڄ جو تو ۾ ٻري رهيو آهي!

❋ ❋ ❋

هي ٻار جو تنهنجي جهوليءَ ۾ ڪُڏڪيون کائي رهيو آهي، ان کان وڌيڪ خدا جي ثابتي توکي ڪهڙي گهرجي؟

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❋ ❋ ❋

خدا تہ گھڻو وشال آهي، پوءِ بہ واريءَ جي هر ڪَڻي ۾ آهي!

❋ ❋ ❋

جيڪو آهي بہ ڪونہ، ان کي نہ ميرائڻ لاءِ تون ايڏي محنت ڇو ٿو ڪرين؟

❋ ❋ ❋

هي ساري ڪائنات فنا جي مُٺ ۾ ئي تہ آهي! تو ڪڏهن اها مُٺ کولي ڏٺي آهي؟

❋ ❋ ❋

خدا جو شڪر ڪر تہ تو کي مال منال ۾ نہ، مِٽيءَ ۾ پوريو ويو آهي.

❋ ❋ ❋

جي بهشت دلاسو ۽ دوزخ دڙڪو آهي تہ پوءِ چڱائي عبث آهي.

❋ ❋ ❋

خدا کي ڪڏي وچ تہ ڪائنات ۾ معنىٰ ئي ڪهڙي؟

❋ ❋ ❋

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



نِتشي مري ويو، خدا اتي ئي آهي.

❊ ❊ ❊

جي خدا تو سان گڏ آهي ته توکي ڪهڙي ڪَسُ آهي؟

❊ ❊ ❊

پنهنجي جنم جي ڏينهن تي، پنهنجي مرڻ جو ڏينهن ملهاءِ، چو ته تنهنجيءَ زندگيءَ مان هڪ سال پيو ته گهٽيو.

❊ ❊ ❊

ڇا تون موت کي وساري، اهو ٿو سمجهين ته موت به توکي وساري ڇڏيو آهي؟

❊ ❊ ❊

موت جي ياد پيغمبريءَ جي صفت آهي.

❊ ❊ ❊

تون ڪير جو اسرارِ الاهي ڄاڻڻ چاهين ٿو؟ تون ته هن ڪئليءَ کي به پوري طرح سمجهي نه سگهيو آهين؟

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



توکي منهنجي زندگيءَ تي چِڙ آهي، پر توکي مُنهنجي موت تي وڌيڪ چِڙ ايندي، جو تہ موت مون کي اهو ڪجهہ ڏيندو جو مون کي زندگي نہ ڏئي سگهي آهي ۽ جنهن جو مان حقدار آهيان.

❊ ❊ ❊

دشمن رهزن! تنهنجي زندگيءَ جي مشاهدي تہ مون ۾ خدا دوستي پيدا ڪئي!
مان تنهنجو ٿورائتو آهيان!
ڪُتو نہ پونڪي تہ هُن جو هانءُ ڦاٽي پوي!

❊ ❊ ❊

جي تون گوهي نہ ڪرين تہ تنهنجي گڏهہ هجڻ تي مون کي اعتراض نہ آهي.

❊ ❊ ❊

چِبَ ڪان ڪنهن پڇيو تہ، ”ڪويل ڏِني اٿئي؟“ جواب ڏنائين، ”ڏني تہ ڪانہ اٿم. هوندي ڪا مون جهڙي.“

❊ ❊ ❊

پِتائي! مان خدا سان رُٺو هوس، جي رُسان نہ ها تہ هن وقت تائين سوَ رسالا لکي وِجان ها.

❊ ❊ ❊

مان ”پِتائي جو رسالو“ ڪجهہ اڳتي لکي رهيو آهيان. تون مون کي نہ ٿو سمجهي سگهين، اها ٻي ڳالهہ آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

ادب فقط ادب آهي. ان کي سياست جي ڪشڪول ۾ وجهين ته تون ”وس وارو“ آهين، پر اهو ڄاڻي ڇڏ ته ادب فقط پينوءَ جي پاند لاءِ نه آهي. ادب ذريعو نه آهي. ادب مقصد آهي، ائين جيئن خدا ذريعو نه آهي پر مقصد آهي، خدا ڪان تون ”سنڌ سُڪار“ جي دعا گهرين ته مون کي اعتراض نه آهي، پر جنهن ڪان اها دعا گهري رهيو آهين، اهو ادب جو موضوع نه آهي ڇا؟ نظريا زندان نه بڻاءِ! انهن مان نڪري آءُ! ٻاهر ڪليل هوا آهي ۽ آسمان ۾ چنڊ وڃي رهيو آهي.

❊ ❊ ❊

ڇا هي منهنجو تهجد آهي جو مان صبح جو ڇئين بجي ڪان اڳ ۾ اٿي ٿو لکان؟ جي ها ته اي خدا! منهنجي عبادت جي انفراديت تي غصو نه ڪجانءِ!

❊ ❊ ❊

ڇا ڪبوتر کي اڏامندو ڏسي، تو کي هن تي رشڪ ايندو آهي؟“

❊ ❊ ❊

تنقيد جڏهن گڏهه ڪندو آهي، تڏهن اِٽَ هٽندو آهي.

❊ ❊ ❊

الله جميل و يُحب الجمال

۽

”ڪُل نفساً ذائقة الموت،

توهان اهي سٽون پڙهيون آهن؟

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



چا اهي ادب جو موضوع تي سگهن ٿيون ؟؟

❊ ❊ ❊

توکي ڪهڙو نظريو چڱو ٿو لڳي:
”ادب براءِ زندگي“ يا ”زندگي براءِ ادب.“

❊ ❊ ❊

اي مصور! تون خدا جي تصوير ٺاهڻ ٿو چاهين؟ تو سانوڻ جي سانجهيءَ ۾ شفق جو رنگ ڏٺو آهي؟

❊ ❊ ❊

منهنجي شاعري سنڌ لاءِ ديوارِ چين وانگر آهي. ان کي ڪوئي مٽائي نٿو سگهي. تنهنجي سرحد جو تحفظ تنهنجي سياست نه، ثقافت ڪري سگهندي.

❊ ❊ ❊

مون اوهان کي شاعريءَ ۾ پٽائي، سچل، سامي به ڏنو آهي ته ايڪويهين صدي به ڏني آهي.

❊ ❊ ❊

”انا لله و انا اليہ راجعون“، جهڙي مترنم ۽ معنیٰ خيز سٽ نه مون شاعريءَ ۾ ڏٺي آهي، نه فلسفي ۾، نه ادب ۾.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



سپاٽي جو ٺيڪو توکي ڪنهن ڏنو آهي؟ تون سپاٽي لاءِ اڄ ڪي ڇو ٿو ضايع ڪرين؟

❊ ❊ ❊

شاهجان! مان نئون تاج محل ٺاهي رهيو آهيان، ان لاءِ مون کي ڪنهن ممتاز محل جي ضرورت نہ آهي.

❊ ❊ ❊

ڪنهن جي متي تي هٿ گهمائي ڏس! ساري ڪائنات تنهنجي هٿ ۾ اچي ويندي.

❊ ❊ ❊

عشق توکي نيون اکيون، نوان ڪَن ۽ نئين زبان ڏيندو، تون ڪنهن سان عشق ڪري تہ ڏس!

❊ ❊ ❊

راڌا! مون وٽ ڪيتريون گوپيون ٿين اچن، پر منهنجي بانسري توکي ڳولي رهي آهي.

❊ ❊ ❊

ڪنوار! گهونگهٽ هَٽاءِ تہ ڏسان تہ تون ڪيتري خوبصورت آهين؟ ماڻهو توکي پي دنيا چون ٿا!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

غصي کي چڏ! موتي آءُ! ڏِسُ سِج سمندبِ ۾ ٻڏي رهيو آهي؟

❊ ❊ ❊

جي مان چوان ته جهرڪيءَ کي آڪيرو ٺاهڻ خدا سيکاريو آهي ته ان ڳالهه جي ان کان وڌيڪ کهڙي سولي سمجهاڻي ٿي سگهي ٿي!

❊ ❊ ❊

نه رڳو گهوڙي کي موت جي اڳواٽ خبر پوندي آهي پر ٻي هر جاندار کي اڳواٽ پتو پئجي ويندو آهي، رڳو انسان کي خبر نه پوندي آهي، جو اِن ڌس ۾ احقرالمخلوقات آهي يا انسان کي به .....؟

❊ ❊ ❊

ڏنگڻ نانگ جي فطرت آهي، کير پيارڻ مُنهنجي فطرت آهي.

❊ ❊ ❊

تو موت جي خيال کي دل مان تڙي ڪڍيو آهي، جڻ ته ائين ڪرڻ سان تون نه مرندين! پاڳل! جي چوويهه ڪلاڪ اسٽالن کي اهو احساس هجي ها ته ماڻهو ڪڏهن به مري سگهي ٿو ته هو ايڏا ظلم نه ڪري ها ۽ يو ـ ايس ـ ايس آر نه ڊهي ها! موت جو احساس ئي ماڻهوءَ ۾ چڱائيءَ جي پيڙهه پختي ڪري ٿو.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



نہ وڇونءَ جي اولاد سان گڏ ڇَپر چڱو آهي نہ واڳونءَ جي اولاد سان گڏ ڪَپر.

❊ ❊ ❊

مومل! ايڏو عشق جو انڌ! تو ڏٺو ئي نہ، تہ راڻو ڪاٺو آهي!

❊ ❊ ❊

مان توکي پيرين ۾ وڄهي وڻ ۾ لٽڪايان تہ ڇا تون ائين سمجهندين تہ تون وڻ جي ٽاريءَ تي لُڏي رهيو آهين؟

❊ ❊ ❊

تون انسانذات سان محبت ۽ انسان سان نفرت ڪرين ٿو. دهريت اِهوئي سيکاريندي آهي!

❊ ❊ ❊

هڪ دهريو تيسيتائين انسان دوست آهي جيسيتائين هُن کي اقتدار نہ مليو آهي.

❊ ❊ ❊

ڇا تاريخ مان ڪوئي مثال ڏيئي سگهندين تہ فلاڻو خدا دشمن! انسان دشمن نہ هو؟

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



تون پاڻ تہ انگ اگهاڙو آهين. توکي رڳو اُن تي فخر آهي تہ دنيا ۾ سڀ کان اڳ ۾ تنهنجن وڏن آڏاڻو ٺاهيو هو!

❊ ❊ ❊

سوچي سوچي ڳالهاءِ! هر لفظ هڪ تلوار آهي جا توتي ڪِري سگهندي آهي.

❊ ❊ ❊

سچ ڳالهائي اُس ۾ پلي ويهہ، ڇانوَ ۾ ويهڻ جي لاءِ ڪوڙ نہ ڳالهاءِ !

❊ ❊ ❊

اعتبار ؟ خدا کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ ۾ اعتبار ڪهڙيءَ چڙيا جو نالو آهي؟

❊ ❊ ❊

وِڇون پنهنجي فطرت کان باز آيو تہ ڪائنات بدلجي ويندي!

❊ ❊ ❊

شينهن پنهنجو حصو ڪٺندو، پوءِ شينهن آمر هجي يا جمهوري نمائيندو.

❊ ❊ ❊

دوستيءَ جو پکي فقط هڪ پَر تي اڏامندو آهي، ٻي پَر جو فقط ڏسندڙ کي گمان هوندو آهي.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



مان هڪ نندي قوم جو فرد آهيان، توڙي مون کي پنهنجي انفراديت، ثقافت، معاشي مسئلا، مطلب ته پنهنجي الڳ قوميت آهي. تون ڏاڍو آهين ۽ منهنجي قوميت کان انڪار ڪري رهيو آهين ۽ مان اُن وقت جو انتظار ڪري رهيو آهيان، جڏهن تنهنجي پنهنجي قوم ابابيل تي اُڏرندي ۽ توکي پٿريون هٽي پورو ڪري ڇڏيندي ۽ تنهنجي اکين ۾ ايتريون ته ڪڪريون پئجي وينديون جو تون اهي مون ڏانهن ڪٽي به نه سگهندين !

❊ ❊ ❊

ڪامياب سياستدان اُهو آهي، جو مُنهن تي ڪوڙ ڳالهائي ۽ ڦِڪو نه ٿئي.

❊ ❊ ❊

صحيح معنيٰ ۾ ڪميونسٽ اُهو آهي جو پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي نه ڏسي ۽ رڳو ٻئي جو چاڪِ گريبان ڏسي.

❊ ❊ ❊

هُن ساري زندگي اهو سوچيو ته هُن سان هيئن ۽ هن سان هونءَ پلئه ڪندس. هُن اِهو ڪڏهن نه سوچيو ته موت سان پلئه ڪين ڪندس!

❊ ❊ ❊

اي ويهين صدي! تو ۾ نوانوي فيصد جانور هيا ۽ هڪ فيصد انسان هيا، پر پانيان ٿو ته اهو چئي مان انسان ذات جي خوشامند ڪري رهيو آهيان!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

ٻُڌا! ٻُڌا! ڪارونجهر مان آواز اچي رهيا آهن. جي اهو ڦاٽو ته تون ساري جو سارو جلي ويندين!

❊ ❊ ❊

منهنجا سياسي آدرش! مون تنهنجو ايترو انتظار ڪيو آهي، جيترو جيڪڏهن خدا جو ڪيان ها ته مَلڪ فَلڪ پٽتي چڙي وڃان ها! تون ڪڏهن ايندين؟

❊ ❊ ❊

تون پڙهيو نه آهين، رڳو ڪَڙهيو آهين تيل جي ڪڙهائيءَ وانگر ۽ هاٿي پنهنجا جلائي رهيو آهين!

❊ ❊ ❊

ڪنهن چيو ته. " تنهنجا دوست توتي ڪاوڙيا آهن". مون جواب ڏنو: "هو ڪاوڙيا ته پنهنجي غلطيءَ تي آهن، رڳو مان اُن جي نشاندهي ڪيان ٿو ته هو مون تي ڪاوڙ چندن ٿا."

❊ ❊ ❊

علامه اقبال نيل جي ساحل کان ڪاشغر جي خاڪ تائين ڇا ڏسي رهيو آهي؟ مون کي ته هڪ ويران رستي تي لُٽيل قافلو نظر اچي رهيو آهي، جنهن جا قافلي سالار سڀ مري چُڪا آهن.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪيڏو ساڙ رکيو اٿئي؟ پنهنجي دوزخ جي باهه ۾ ته اڳيئي ٿو پچرين! مان پنهنجون ٻه ڪائيون اُن ۾ ڇا لاءِ وجهان؟

❊ ❊ ❊

خدا! منهنجون جهوليون پنهنجي پيار سان ايتريون ڀر جو مان اُهي ساري انسان ذات کي ڏيان ته اُهي نه کُٽن، مون کي اُن لاءِ اهو هُد هُد ٻڌاءِ جو سليمان جا سبا کي پيغام پهچائيندو هو.

❊ ❊ ❊

مان چوان ٿو ته ” تون آهين، تون آهين، تون آهين “ اهومنهنجو پويون نعرو آهي ۽ منهنجي آخري آزاديءَ جي علامت آهي.

❊ ❊ ❊

خدا جي سامهون سر بسجود ٿي ۽ انهيءَ هر پَل کي نيڪالي ڏي جو تو دنيا سان گڏ گذاريو آهي.

❊ ❊ ❊

ڇا تون منهنجو رب آهين؟ پر تون ته منهنجي در تي ڪيتري ئي وقت کان بيٺو هُئين! رڳو مون نه سڃاتو.

❊ ❊ ❊

ڇا ڪوئي انسان هڪ ٿِر جيترو جيت به خلقي سگهيو آهي؟ ڇا هڪ ٿِر جيتروجيت ڄاڻي سگهي ٿو ته آڪاس، جنهن ۾ اڪٿ ستارا آهن، ڪٿي ٿو کُٽي؟

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



مان مجان ٿو تہ اهو جيت پپل جي چوٽيءَ تي پهچي سگهي ٿو، پر ان جي حقيقت ئي ڪهڙي آهي؟ ڇا اُنهي ستاري جهڙي آهي، جو هن آڪاس جي اتاهين وٽ ۾ پوئين پن جيان آهي. ڇا ان جيت جي اَنا ڪي ان مان تسلي ملندي تہ هو پپل جي پوئين پن تي پهچي چڪو آهي؟ ڇا ان ڪان اهو ڪيڙو ماڪوڙو چڱو نہ آهي، جو انهيءَ جي جڙ تائين پهتو آهي ۽ پاڻ کي هر واچوڙي ڪان محفوظ سمجهي ٿو؟

اي تر جيترا جيت! تون هن ڪائنات جي حقيقت کي ڇو ٿو سمجهڻ چاهين؟ ائين نہ ٿئي تہ واءُ جو جهوٽو توکي بولاٽيون ڪارائيندو اُڏائي وجي! انهيءَ تي قانع ٿي تہ وڻ جي چوٽيءَ تي پهچي چڪو آهين. ان ڪان مٿي جو وڻ آهي، تنهن ۾ ڪتين جون ٽاريون ڏسي، پنهنجي وِت ڪان وڌيڪ ٽپو نہ ڏي! حيرت تي قناعت ڪر! اُهو اسرار جو نہ کُلي سگهي، ان تي حيرت ڪان سواءِ ٻيو چارو ڪهڙو آهي!

❊ ❊ ❊

جنهن انسان خدا کي آپي ۾ نہ ڏٺو آهي، اهو هن کي ڇاپي ۾ ڇا سمجهي سگهندو؟

❊ ❊ ❊

معافي خدا جي صفت آهي. تون پاڻ ۾ جيترو اُها وصف پيدا ڪندين، خدا جي ويجهو ٿيندين.

❊ ❊ ❊

خدا ڪان سواءِ تون يتيم آهين، هن ڪائنات ۾ ڇورو ڇنو ٻار، جنهن جي پرورش وارو ڪوئي نہ آهي.

❊ ❊ ❊

يا خدا مون تي وِچ ڪيراءِ ،
ان ڪان اڳي جو مان ڪنهن

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



جو گھر جلايان!

❊ ❊ ❊

منهنجو خدا بہ تہ حُسن آهي
۽ جنهن وقت منهنجي شاعريءَ جو موضوع آهي
۽ منهنجي گيت ۾ اظهارجي ٻڌائجي ٿو،
اهو حُسن کان سواءِ
ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي.

❊ ❊ ❊

محبت سان محبت ڪر!
هن رابيل ۽ گلاب جي گل سان
محبت ڪر،
ڇو تہ اُهو تنهنجي پرينءَ جي ڳلن جهڙو آهي،
هن چنڊ سان محبت ڪر
ڇو تہ اُهو هن جي منهن جهڙو آهي؛
محبت سان محبت ڪر!
ڇو تہ اُها ڪائنات جي تخليق جو باعث آهي
ڇو تہ اُها خدا آهي،
۽ خدا محبت کان سواءِ
ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي،
ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي.

❊ ❊ ❊

ڇَڏ !
تہ موتي وچان

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



اُن دنيا ڏانهن
جتي مُنهنجو پيءُ ماءُ
۽ ٻيا گهڻگهرا
مون لاءِ
اوسيئڙي ۾ آهن
۽ واري سان
سڄ ڪان پڇن ٿا،
”ڇا تون اڃان
لٿو نہ آهين“.

❋ ❋ ❋

تون خدا جو جلوو
ڏسي سگهين ٿو
پر ان لاءِ موسىٰ عليہ السلام کان بہ تيز اکيون گهرجن
جي طور جي تجلي برداشت ڪري سگهن.
۽ اهي ڦڦڙ گهرجن
جي ايتري زور سان
لَن تراني چَون
جو پٿر پٿر ۾
اُنهن جي گونج ٻُرڻ لڳي!
اهو تو لاءِ ناممڪن آهي.
پنهنجيءَ دل کي اُهو آئينو بڻائي سگهين ٿو
جنهن ۾
خدا جي جلوي جو جلوو
پسي سگهين!
پر پوءِ بہ جلوي جي پَرَتو سان
اهو آئينو ٽڙڪي پئي،
اهو خاطريءَ سان

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪٿين تو ڇٽي سگهجي!

❊ ❊ ❊

زندگيءَ سان ائين مقابلو ڪر
جيئن فاران جي بيابان ۾
اسماعيل ۽ هاجره
بادِ صمود سان ڪندا هئا!
زندگيءَ جي ويرانيءَ
۽ خاموشيءَ ۾
احساس ٿيندو آهي،
ته ڪوئي ساٿ آهي،
هر ريت جو ذرو همدرد آهي
۽ ماهتاب ۽ ستارا
تسلي ڏيئي رهيا آهن
۽ انهن جي رفاقت
انساني رفاقت کان قريب تر آهي
۽ وڏيڪ قربائتي آهي.

❊ ❊ ❊

تون ڪير ٿيندو آهين،
سنڌ جي پيڙهي تارڻ وارو؟
ان جو تارڻ هار ته ڪوئي پيو آهي.
تون فقط وَنجهه هٽي رهيو آهين!

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



حضرت ادريس جنازي نماز وقت جيڪو پٽڪو ٻڌندو هو، ان تي لکيل هوندو:
”سعادت مند آهي اُهو جو پنهنجي نفس تي نظر رکي ٿو. پروردگار جي سامهون انسان جا نيڪ عمل هن کي شفاعت ڏين ٿا.“
ڇا دور جديد جي انسان لاءِ ان کان بهتر نصيحت آهي. دورِ جديد جو انسان جيڪو پنهنجي نفس جو غلام آهي ۽ هن جي هر نئين آزادي هن جي نفس جي نئين غلامي ثابت ٿي آهي.

❊ ❊ ❊

تون هن کي خون ڪرڻ ٿو چاهين؟
تون مڃ يا نہ مڃ
دراصل تون پاڻ کي خون ڪري رهيو آهين.
هر قتل خودڪشي آهي.
هر خنجر
جو ٻي جي سيني ۾ کوڙين ٿو،
تنهنجي رت ۾ ٻڏل آهي.
تنهنجي هٿان مقتول جو موت
تو ۾ ڪجهه قتل ڪري ٿو
پر تون نہ ٿو ڄاڻين.

❊ ❊ ❊

تون ان تي حيران آهين تہ هي تہ تنهنجو دوست آهي، هي تنهنجي گلا ڇو ٿو ڪري! پهرين اچ تہ هن کان پڇون تہ ڪڏهن هي تنهنجو دوست بہ هو يا نہ !

❊ ❊ ❊

معافي خدا جي صفت آهي. جي تو ۾ اها آهي تہ وڏي ڳالهہ آهي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

پوڍائي کان ڊڄندو ڪر! جو ساري عمر ڏرتيءَ تي سمهيو، اُن کي جڏهن اطلس جي پٿرڻي ملندي تڏهن هو ساري ڏرتي وڪڻي ڇڏيندو.

❊ ❊ ❊

حسد جي آڳ اُها آڳ آهي، جنهن ۾ نہ رڳو دشمن پر دوست بہ جلندا آهن بلڪ دوست وڌيڪ جلندا آهن.

❊ ❊ ❊

تون منهنجو دوست آهين؟ پوءِ تہ سڀ کان وڌيڪ خوف مان توکان ڪيان، ڇو تہ جڏهن تون دشمن ٿيندين تڏهن سڀ کان خراب دشمن ٿيندين.

❊ ❊ ❊

رَب رُسي، مَت کسي، کان وڌيڪ ڏاهِي ڇوٽي مون ڪٿي نہ پڙهي آهي.

❊ ❊ ❊

يا تہ احسان نہ ڪڻ ۽ جي ڪٽين تہ ان کي ڪڏهن بہ نہ وسار! احسان فراموشيءَ لاءِ دليل نہ ڳول، ڇو تہ احسان فراموشيءَ لاءِ ڪوبہ دليل نہ آهي.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



اي پروانا! تو کي ستارن جي روشني ڇِڪ نہ ڪندي،
تنهنجو مقدر ئي شمع جي آڳ ۾ جلي مرڻ آهي.

❊ ❊ ❊

هائو، ”واٽون ويهہ ٽيون“ پر نادان ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ اهي ويهہ واٽون هڪ ڏس ڏي وڃن ٿيون؟

❊ ❊ ❊

جي خدا ساري اسباب جو مُسب آهي
تہ تون ڳڻتي ڇا جي لاءِ ٿو ڪرين!

❊ ❊ ❊

پٽائيءَ جو دڳ
ٺيڪ آهي،
اُن تي سِڌو هلي آءُ!
وَر وَراڪا
تو کي ڪنهن
اوڙاهہ ۾ اَڙيندا،
جتان تون وري
نڪري نہ سگهندين!

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



زندگيءَ ديوار وانگر آهي، مان چاهيان ٿو ته اُها ٽپي اڳتي ڏسان؟

❊ ❊ ❊

ڇا تون ڄاڻين ٿو ته خدا ڪيترو نه چپ چاپ تنهنجي ڪَدِ اچي رهيو آهي، رڳو تو مُنهن ورائي نه ڏٺو آهي.

❊ ❊ ❊

ميان توکي ايترو به صبر نه آهي، جو اُنهن ڪيڙن کي آهي، جي تنهنجي ماس ۾ لڪا ويٺا آهن.

❊ ❊ ❊

ڀيرو! تون مون کان پڇي رهيو آهين ته مان موت تي ڇو لکي رهيو آهيان؟ هن عمر ۾ مان ٻي ڪهڙي حقيقت نگاري ڪري ٿو سگهان؟

❊ ❊ ❊

آءُ ازل کان اڪيلو پکي هوس. خبر نه آهي ته مان وڳر ۾ ڪيئن ملي ويس. خبر نه آهي ته مون کان ماڳ ڪيئن وسري ويو ۽ سڌو ڇار ڏانهن ويس!

❊ ❊ ❊

ميان! تون تاريخ مان سبق ٿو سکين؟ ڇا تون سڪندر کان به وڏو آهين؟ ڇا تنهنجو ڪوئي بابَل نه آهي؟

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❁ ❁ ❁

تون مون کان هُن جي پوڇا جو حق کسي نہ ٿو سگهين، پوءِ هوءَ تنهنجي جوءِ ئي ڇو نہ هجي!

❁ ❁ ❁

ڇا خدا کي ڇاڻڻ کان سواءِ هن کي ائين مڃي نہ ٿو سگهين؟ ڇو پنهنجي ڪِڏ پيو آهين؟

❁ ❁ ❁

چوندا آهن: 'نيڪي ڪري درياهہ ۾ وجهہ'. درياهہ ڪيڏو نہ وڏو آهي ۽ درياهہ ۾ پَئي هر شيءِ درياهہ ٿي وڃي ٿي.

❁ ❁ ❁

ميان! پئسو پِٽ آهي، جنهن وٽ آهي اُهو عذاب ۾ آهي.

❁ ❁ ❁

توکي تقدير ۾ اعتبار ڪونهي، مان ڀانيان ٿو تہ اها ڳالهہ بہ تنهنجي تقدير ۾ آهي.

❁ ❁ ❁

تون موت کان ڏاڍو آهين يا موت تو کان ڏاڍو آهي. اهو پتو تہ اڳتي هلي پوندو.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

ڪڏهن تہ تنهنجي آرائش ختم ٿيندي؟ ڪڏهن تہ تون آئينو ٽوڙي ڦِٽي ڪندينءَ؟

❊ ❊ ❊

ڪنهن سان ايتري سڪ بہ نہ رک، جو ان ۾ سُڪ ٿي وڃين!

❊ ❊ ❊

هو توکي ڏسي سڙي رهيو آهي. ڀلي سڙي، آخر باهہ تنهنجي تہ نہ آهي، هُن جي پنهنجي آهي!

❊ ❊ ❊

موت ايترو خراب بہ نہ آهي، آخر زندگيءَ جو ٽڪ لاهڻو آهي يا نہ؟

❊ ❊ ❊

ڇا تنهنجو انت ڪوئي پائي سگهي ٿو؟ ڇا هُو اهو ڄاڻي سگهي ٿو تہ تون بي انت آهين!

❊ ❊ ❊

جيسيائين تون موت کي نہ سمجهندين، زندگيءَ جي ڪنهن بہ سوال جو جواب نہ ڏيئي سگهندين.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❋ ❋ ❋

تون ڪوڙ سان نياءُ ڪري، ڪيڏو نہ خوش لڳي رهيو آهين! پر ڇا تون سچ پچ خوش آهين؟ ڇا تنهنجي چهري تي چمڪ پائدار آهي؟ يا اها انهي وڄ جي چمڪ وانگر آهي، جا توتي نيث ڪِري، توکي رکَ ڪري ڇڏيندي؟
مان تہ توکي بہ بچائڻ چاهيان، پر مان ڇا ڪيان توکي خودڪشيءَ جو شوق ڪنيو بيٺو آهي.

❋ ❋ ❋

مون کي تخت تي نہ ويهار ۽ تاج نہ پهراءِ، توکي معلوم نہ آهي تہ تاج و تخت جي قسمت انت پيرن ۾ هوندي آهي؟

❋ ❋ ❋

موت تہ هر ڪنهن کي ماري ٿو ڇڏي، افسوس آهي انهن تي جن کي زندگيءَ ماري ٿي ڇڏي.

❋ ❋ ❋

اي سنڌي قوم! ڇا تون مڇر وانگر نمرود جي ننڊ ڦٽائيندي رهندينءَ؟

❋ ❋ ❋

هن قوم جو پَتڪو نہ ٿي، جُتي ٿيءُ، پٽڪو لاهيندي اُها ويرم نہ ڪندي آهي.

❋ ❋ ❋

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



جي سنڌ ڪڏهن اُٿي ته توکان ساريءَ تاريخ جو بدلو وٺندي.

*** 

انهيءَ ڪري مان اڃان زنده آهيان. مان جڏهن به پورهيو ڪندو آهيان ته پنهنجو جسم دروازي کان ٻاهر ڇڏي ايندو آهيان، جئين نمازي مسجد جي ٻاهران جتي ڇڏي ايندا آهن.

*** 

مون کي جنت يا جهنم جو اونو نه آهي. اي موت! مان توکي خوشيءَ سان قبول ڪيان ٿو.

*** 

ڪنهن چيو ته : " تو زندگيءَ تي ٿورو لکيو آهي ۽ موت تي گهڻو لکيو آهي." مون چيو: "ان ڪري جو موت گهڻو آهي، زندگيءَ ٿوري آهي."

*** 

تون ۽ مان دوست ڪيئن ٿي سگهون ٿا، جڏهن منهنجا هيرو تنهنجا دشمن آهن ۽ تنهنجا هيرو منهنجا دشمن آهن.

*** 

مون مانيءَ ۽ بهزاد کي سڏي چيو:

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



”منهنجي ڪَڏَ اچو! مان اوهان کي اهڙي تصوير ڏيکاريان جا اوهان جي خواب ۾ بہ نہ آئي هجي! اها تصوير آهي تہ انسان جي پر اُن جو مصور ساڳيو آهي جنهن چنڊ کي ٺاهيو آهي“.

❊ ❊ ❊

شيطان صفتي کي ڪائي ڪشش آهي جا هڪ رهزن کي ٻئي رهزن سان ملائي ٿي، پوءِ اُهي هڪٻئي جي خون جا پياسا ئي ڇو نہ هجن!

❊ ❊ ❊

هي لاش آهن انهن جا جن آزاديءَ جا پير چميا ها. موت ۾ آزاديءَ اُنهن جا پير چمي رهي آهي، پر اُن کي ڪوئي ڏسي ڪو سگهي!

❊ ❊ ❊

اي خدا! تو مون تي ايترين نوازشون ڪيون آهن، جو مان تنهنجي هزار ڀيرا پرستش ڪيان تہ بہ تنهنجو هڪ ٿورو نہ لاهي سگهان!

❊ ❊ ❊

تون دانشور آهين؟ تون دانش جي دعويٰ تہ ڪرين، جا هڪ اٿاهہ سمنڊ وانگر آهي! ڇا تہ غواصن جي گت ڇاتي آهي، ڪناريءَ تي ڪوڏ ڪٺا ڪرڻ وارا!

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



چا تون اعتبار ڪندين؟ هو جو پاڻ کي آزاديءَ جو علمبردار چوائيندو آهي، جڏهن دوست سان ڦٽائيندو آهي، تڏهن هن جي خلاف مارشل لا وارن کي درخواستون ڪندو آهي.

❊ ❊ ❊

مون هن کي چيو ”جي تون سورج مکي ٽٽو ٿاهي سگهين ته ان ڳالهه تي اعتبار ڪر ته اِن کي خدا ٺاهيو آهي.

❊ ❊ ❊

خوبصورت گل چيو، ” تون مون کي ٽاريءَ تان نه پٽين ٿو؟ مان تنهنجين آڱرين لاءِ آتو آهيان. مون گل کي چيو: منهنجون آڱريون به تولاءِ آتيون آهن، پر مان توکي چنڻ نه ٿو چاهيان، تون ٽاريءَ تي خوبصورت ٿو لڳين.“

❊ ❊ ❊

ڪيئن چئجي ڪِيتريون صديون تُنهنجون اکيون مون ڏانهن ڏسي رهيون هيون! مون رڳو توکي هڪ ڀيرو ڏٺو ۽ ڪنڌ جهڪائي ڳالهائيندو رهيس.

❊ ❊ ❊

چا تون ڄاڻڻ چاهين ٿو ته خدا ڇو آهي ۽ ڇا آهي؟ ههڙو خوبصورت مُکڙو هٿن ۾ جهلي اهو سوال ڪيئن ٿو پڇين.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



بودليئر! * گناھہ واقعي گل جيترو خوبصورت ھوندو آھي، پر ان ۾ خوشبوءِ نہ ٿيندي آھي.

❋ ❋ ❋

مون نند مان اک پَٽي، ڪڙڪيءَ مان جھونجھڪڙي جون ريکون ڏٺيون ۽ خدا جو ٿورو مڃيو تہ مون کي ھڪ ڏينھن پيو بہ ڏنو اٿائين. انھيءَ جو امڪان بہ ھو تہ مان اک ئي نہ پٽيان ھا ۽ ابدي ننڊ ۾ ھليو وڃان ھا، جنھن ۾ ڪنھن نہ ڪنھن وقت وڃڻو آھيان.

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ ھن مون کي ھڪ پيرو پرھہ جا پکي پيھر ڏيکاريا آھن جي آسمان ۾ اُڏري رھيا آھن يا اجا وڻن ۾ چون چون ڪري رھيا آھن يا منھنجيءَ بالڪنيءَ جي ٻاھران رکيل ٺڪر جي پاٽ مان پاڻي پي رھيا آھن ۽ چوڳو ڪائي رھيا آھن ( منھنجيءَ زندگيءَ ۾ سڀ کان چڱو ڪم اھو آھي تہ رات جو مان انھيءَ پاٽ ۾ پاڻي ۽ چوڳو وجھي سمھندو آھيان. انھيءَ آس سان تہ پرھہ جو اُٿي اُن تي پکيئڙن جو ميڙاڪو ڏسندس)

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ ھُن وَري مون کي صبح ۽ شام جي شفق مان سورج مُکيءَ چنڊ جو وجھہ ڏنو آھي.

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ سانوڻ جي مند آھي، ممڪن آھي تہ ڪاريون گھٽائون اُيري اچن ۽ مان انھن جي موسلاڌار مينھن ۾ وري وھنجي سگھان. اوچتو منھنجي دَريءَ مان ڪو پوپٽ اُڏري آيو مون ان جو آدر ڀاءُ ڪري ان کان پڇيو، تہ چا ھُن جو پيغام آندو اٿئي، جنھن جا رنگ تون وانگر خوبصورت آھن ۽ جنھن کي پرن کان پڪڙي، خدا منھنجي ھٿ ۾ ڏنو آھي ۽ ان جي پرن جي سلامتيءَ لاءِ منھنجا ھٿ ذميدار آھن.

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ مون کي ھر سنساري بندن کان آجو ڪري، ھڪ ٻي ڪرتڪار ڏني اٿائين تہ ڪويتا لکان ۽ ائين لکان جو اُن مان منھنجيءَ جوانيءَ يا پيريءَ جو پتو نہ پوي. پر مون اجا تائين ھن جو ھڪ ٿورو بہ نہ لاٿو آھي. مون اجا تائين اھڙي ڪويتا نہ لکي آھي، جنھن ۾ ھن جي اھڙي عبادت ھجي، جا روز سج، تارا ۽ ڪَتيون ڪن ٿا. مون اجا تائين اھڙي ڪويتا نہ لکي آھي، جا پکين جي گيتن ۾ آھي، جا عبادت کان سواءِ ڪجھہ نہ آھي.

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



اي خدا! تون مون کي اجا ڪجهه ڏينهن ڏي ته مان تنهنجو ٿورو لاهيان، مان گيت ائين ڳايان، جو انهن جي اڳيان هر عبادت جهڪي لڳي.

اي خدا! مان تنهنجو پوءِ به هڪ ٿورو به لاهي نه سگهندس. تون ته اڪٿ پندار آهين، منهنجيءَ جهول ۾ ڪٿا آهن گهڻا؟ مان توکي ڇا آڇي سگهندس، مان توکي ڇا آڇي سگهندس!

❊ ❊ ❊

تنهنجو شڪر آهي منهنجا رب! اڄ مون کي اڌ ماني ۽ پورو ڪتاب نصيب ٿيو آهي.

❊ ❊ ❊

جي تو ماڻهو اکين مان نه سڃاتو، ته هن کي ڪڏهن به سڃاڻي نه سگهندين.

❊ ❊ ❊

ترسُ، تُنهنجو به وارو اچي ٿو! وارو ڏارو آهي، سَئو پيرا منهنجي نالي پوي، هڪ پيرو ته تنهنجو نالي به پوندو!

❊ ❊ ❊

نانگ وارو وير ته فقط انسان رکندا آهن. نانگ ته نالي ۾ خوار آهي.

❊ ❊ ❊

منهنجيءَ دل ۾ ايترو پيار آهي جو ان ۾ ساڙ جي لاءِ ڪائي جاءِ نه آهي.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



مون کي تو لاءِ نفرت ڪتي آهي؟ رُڳو جيئرن جي فهرست مان تُنهنجو نالو ڪتي ڇڏيو اٿم.

❊ ❊ ❊

ڇا رڳو گهمڻ ڦرڻ زندهه رهڻ جو نالو آهي؟ تون ڏاڍو ڀُليل آهين! تون ته ڪيترو وقت اڳي مَري چُڪو آهين.

❊ ❊ ❊

تو منهنجي مخالفت ڪئي، خُدا منهنجي مدافعت ڪئي، هاڻي نتيجو ڏس!

❊ ❊ ❊

ڪنهن ڪنهن انسان جي ارادي ۽ مشيت ـ ايزديءَ ۾ ڪوئي فرق نه هوندو آهي.

❊ ❊ ❊

خدا مون کي چيو ته پنهنجو اعمالنامو پاڻ لک! **ڪراماً** ڪاتبين لکي لکي ٿڪجي پيا آهن.

❊ ❊ ❊

دَهريا! تو پنهنجي باري ۾ ڪڏهن هي سوال پڇيو آهي ته ”هن زندگيءَ کان اڳتي مان ڇا ڪندس؟“

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



هِن ڪائنات ۾ جي تُنهنجي مُرڪ امر نہ آهي تہ ڪا شيءِ امر نہ آهي.

❊ ❊ ❊

”اڪيون بہ مُرڪنديون آهن ڇا؟“
”دراصل مُرڪ ٿيندي ئي اکين ۾ آهي.“

❊ ❊ ❊

ماڻهوءَ جي پِٺ گوليءَ وانگر آهي جا بندوق ۾ واپس اچي نہ سگهندي.

❊ ❊ ❊

انسانيت جي تہ جوڙي ڪي جي ٽي جوڙ آهن —— پيار جو، سهپ ۽ سَمَ ـ سُڪتا جو، تہ اُن کي ڪوئي ٽوڙي نہ ٿو سگهي.

❊ ❊ ❊

ياٿيي، دوستي سڀ ٺيڪ، گستاخي چڱي نہ آهي.

❊ ❊ ❊

ايترو ساڄهر ٽرئفڪ جو ڪيترو نہ شور آهي! شهر ۾ سڀ پيٽ قوت لاءِ ڀڄ ڊوڙ ۾ آهن. ڇا هو، اِهو سمجهن ٿا تہ انسان رڳو پيٽ نہ آهي، ٻيو ڪجهہ بہ آهي!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



❊ ❊ ❊

حسينيت لاءِ فقط حسين ابن عليءَ تي مرثيو ڪافي نہ آهي ۽ وري مجلسِ مسالمہ ئي ڪافي آهي.

❊ ❊ ❊

ڏ ڳ ڏيکار!
اي خدا
ڏ ڳ ڏيکار
مان هن گهاٽي جهنگ ۾
پنهنجي گهايل پيرن سا
ڪيڏانهن وڃان؟
منهنجا پير
اجا ٿڪا نہ آهن
مان پنهنجون لڦون ڏسي
پنهنجي ڏ ڳ تي
پنهنجي منهندارن جي
ڪاري منهن تي
ٿوڪاريو آهي،
۽ سوچان ٿو
تہ جي اڳتي ڏ ڳ نہ آهي
تہ پٺتي موٽان
۽ اُتي گاهہ تي ليٽي
ٽَڪِ پٽيان
۽ سائي پير مان
پہ تي پير چني ڪاوان!
پر جي مون کي اڳتي ئي وڃڻو آهي،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



تہ اي خدا!
مون کي دڳ ڏيکار!
مان تنهنجي ڏس تي
پاپريءَ کَنڊ تان بہ
پنڌ ڪري
وڃڻدو رهندس!

❊ ❊ ❊

هن هاريءَ تي لِڪ
جيڪو اجا انسان آهي
۽ ڍوڍي ڳيو کائي،
پاڻي پِي،
سارو ڏينهن ڳهندو ٿو وتي
۽ جو ڏاڙيل نہ ٿيو آهي،
۽ ماڻهوءَ جو رت
نہ پيتو اٿائين،
۽ جنهن تي
ڀهراڙيءَ جي ٻُٽ ۾
جڏهن پکي
ننڊ ۾
لامن تي لٽڪندا آهن،
خود خدا
وچڻو
گهمائيندو آهي.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



عشق ﮬ
ڪجھ نہ آهي.
حسن ﮬ
ڪجھ نہ آهي،
فقط
تڙپ سڀ ڪجھ آهي.

❊ ❊ ❊

اي خدا!
هن ڪي
اجا ﮬ
خوبصورت بڻاءِ!
هوءَ
تنهنجي وجود جو
ثبوت ٿي وجي!

❊ ❊ ❊

ماري!
ڊيل
نہ ڦاساءِ!
اها
مور جي
امانت آهي.

❊ ❊ ❊

هل تہ هن ڪان

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



اسپتال ۾ پُڇي اچون!
اسان جي پُڄا
هن جي ڇمار کي تہ نہ وڌائيندي
رڳو اسان کي
ساڄهہ ڏئي سگهي ٿي
تہ اهڙو وقت
اسان تي بہ
اچي سگهي ٿو

❊ ❊ ❊

ڪيترا نہ
سبز باغ ڏيکاريئہ!
ڌرتيءَ تي
هيئَن ڪنداسين
ڌرتيءَ تي
هونءَ ڪنداسين؛
ٿيو تہ ڪجهہ بہ ڪونہ
اڄ تنهنجو جنازو وڃي رهيو آهي
سياڻي مون کي وڃڻو آهي،
ڇا ان ڪري
فرق پوي ٿو
تہ ڪنهنجا ڪانڌي
ڪيترا آهن!

❊ ❊ ❊

موت اُهو ريدار آهي

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



جو سيپ
ڏڻ هڪلي، ساڳي واڙ ۾
واڙيندو آهي.

❊ ❊ ❊

تو بگھڙ جي اوناڙ ٻُڌي آهي؟
بگھڙ
چنڊ کي ڏسي
اوناڙيندو آهي:
ڌرتيءَ کي سنگھي
نہ اوناڙيندو آهي

❊ ❊ ❊

منهنجو بهترين دوست
اڄ منهنجو
بدترين دشمن آهي
ڇو تہ
هو سمجھي ٿو
تہ مان هُن جي آدرش تان
هَٽي ويو آهيان.
سچ تہ اهو آهي
تہ هُن جو آدرش
هُن کان
هٽي ويو آهي،
هُن جو آدرش
چنڊ بہ تہ ڪونہ هو

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



جو گهنگهور گهٽائن ۾ ڇُپي ويندو آهي!
هُن جو آدرش
ته تَئي وانگر هو
جو هن تي
پنهنجو ڪالڪ ملي
هن تي
ڪِلي رهيو آهي.

❊ ❊ ❊

هو
پنهنجي
آدرش جي هار ڏسي،
مون تي
ڪاوڙجي رهيو آهي
ڇو ته
مان
هن کي اڳيئي چوندو هوس
ته تنهنجو آدرش
گٽر ۾
چنڊ جو سپنو آه.

❊ ❊ ❊

تون
ساري عمر
ڪسيءَ جو ڪيڙو ٿي رَهيين،
ڪسيءَ جو ڪيڙو هئين،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪسيءَ جو ڪيڙو ٿي مُئين،
باک جو
ڀنگي
تو ڪي ڀِھاري ويا
ڪسيءَ جي ڪني پاٽيءَ سان گڏ.
تو ڪي ڪھڙي خبر
ته ڪسيءَ ڪان ڪجھ پنڌ تي
رنگا رنگ گلن جون
پاريون ھيون
۽ پوپٽ
انھن تي اڏري رھيا ھا!

❋ ❋ ❋

تو پاڻ مان ئي حيوانيت کي
نه ڪڍيو آھي،
ھليو آھين
انسانيت جو علمبردار ٿيڻ!

❋ ❋ ❋

يا رب!
سارو شھر ستو پيو آھي ۽ ستارا آسمان ۾ ٽم ٽم ڪري رھيا آھن؟
اجا پکي پکڻ به نه اٿيا آھن ۽ تنھنجي ثنا خواني انھن جي نڙين ۾ ستي پئي رھي آھي.
ھي مون ۾ ڪير آھي جو چئي رھيو آھي ته "اٿي! پوريءَ ڪائنات لاءِ دعا گھر!

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



اٿي، انهيءَ انسان لاءِ دعا گهر، جنهن جي چلهه تي ڪجهه رجهندو آهي ۽ ٻڪايل ٻارڙا ان جي چوڌاري ويٺا هوندا آهن.

اٿي، انهيءَ جوانيءَ لاءِ دعا گهر جا خواب ۾ مدهوش آهي ۽ جنهن کي اهو پتو نه آهي ته اها عارضي آهي ۽ ائين گم ٿي ويندي جيئن شام جو سج ڪير ٽر جي پهاڙن ۾ گم ٿي ويندو آهي ۽ نئين ڳاج تي شفق جا رنگا رنگ پاچا ڇڏي ويندو آهي.

اٿي، انهيءَ پيريءَ لاءِ دعا گهر، جنهن کي آخرت جو اونو آهي، جا ان لاءِ پنهنجو نور نچوئي رهي آهي ته پنهنجي تخليق کي ابديت عطا ڪري.

❋ ❋ ❋

يا رب!
منهنجا گناهه ائين ڏوءُ جيئن پن ماڪ سان ڏوپندا آهن ۽ سج جون ڪروڙين آڱريون رات جا الجهيل وار سلجهائينديون آهن.

يا رب!
هي رڍن جا ڌڻ، جي پنهنجي پيٽ قوت لاءِ اسر جو اٿيا آهن، انهن ۾ ٻه ته تون آهين ۽ هو وڻ، جي پنهنجون ٽاريون تو ڏانهن ٻانهن وانگر اپيون ڪري بيٺا آهن، انهن جا پن ٻه تولاءِ ئي ته دست بہ دعا آهن.

❋ ❋ ❋

يا رب!
هيءَ پوڙهي ڪائنات تنهنجون جوان اکيون آهي، جنهن هر ڪنهن جي اکين کي ديد عطا ڪئي آهي ته تنهنجو جلوو ڏسي سگهن،

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



ها ٻيءِ ڳالهه آهي ته ڪي نابين به نه آهن پوءِ به توڪي ڏسڻ ڪان نابري وارين ٿا. جيڪي تو ڪي ڏسڻ چاهن ٿا، ستارا انهن لاءِ ماڪيءَ جي مانارِي وانگر آهن ۽ رشتيءَ جون لارون هنن جي دلين تي ٿمي رهيون آهن.

❊ ❊ ❊

More Books Visit : www.iqbalkalmati.blogspot.com



توهان جي سمجهہ، توهان جو علم ۽ توهان جو مرتبو سڀ الله جون عطا ڪيل نعمتون آهن. حساب ڪتاب واري ڏينهن توهان کي عطا ٿيل سيني نعمتن بابت توهان کان پڇا ڪئي ويندي. سچ جي جيڪا واٽ اوهان ماٽي آهي، ان تي پين کي بہ هلڻ جو ڏس ڏيو. نہ تہ توهان ۽ حيوانن ۾ فرق ئي نہ رهندو.

*** پورو ٿيو ***